روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com

جلد: 11 | آچر 19 فيبروري 2023ع بمطابق 27 رجب المرجب 1444هه | شمارو: 127 | قيمت 10 رپيا

ملڪ جو ڏيوالو نڪري چڪو آهي ۽ موجودا حالتن جا ذميوار اسٽيبلشمينٽ، بيورو ڪريسي ۽ سياستدان سڀ آهن: خواجہ آصف

اوهان ٻڌو هوندو، پاڪستان جو ڏيوالو ٿيڻ وارو آهي، پاڪستان جو ڏيوالو نڪري چڪو آهي، اسان هڪ ڊيفالٽ مُلڪ ۾ رهي رهيا آهيون

موجودا حالتن جا ذميوار اسٽيبلشمينٽ، بيورو ڪريسي ۽ سياستدان سڀ آهن ڇاڪاڻ تہ پاڪستان ۾ آئين ۽ قانون تي سوديبازي ڪئي ويندي آهي

مستحڪم ٿيڻ لاءِ پاڻ پيرو ٿيڻ اُتر آهي، اسان جن مسئلن ڪي منهن ڏئي رهيا آهيون انهن جو حل مُلڪ جي اندرئي موجود آهي، آءِ ايم ايف وٽ پاڪستان جو مسئلن جو حل نہ آهي

ڏيڍ ٻہ سال اڳ دهشتگردن ڪي پاڻ هتي آڻي رهايو، نتيجو اهو نڪتو جو دهشتگردي اسان جو مقدر بڻجي وئي آهي

معاملي تي جنهن آواز اُٿارڻ جي ڪوشش ڪئي، ان ڪي مُلڪ نيڪالي ڏني وئي، سيڪيورٽي ادارن ڪي پي او حملي جو بهادري سان مقابلو ڪيو

مون گهڻو وقت اپوزيشن ۾ گذاريو آهي، مون 32 سالن دوران هتي سياست ڪي خوار ٿيندي ڏٺو آهي: سيالڪوٽ ۾ تقريب ڪي خطاب

سيالڪوٽ (م ڊ) بچاءُ واري وزير خواجا آصف چيو آهي تہ ملڪ جو ڏيوالو نڪري چڪو آهي ۽ موجودا حالتن جا ذميوار اسٽيبلشمينٽ، بيورو ڪريسي ۽ سياستدان سڀ آهن. سيالڪوٽ ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي خواجا آصف جو چوڻ هو تہ اوهان ٻڌو هوندو پاڪستان جو ڏيوالو ٿيڻ وارو آهي، هن زور ڏيندي چيو تہ پاڪستان جو ڏيوالو نڪري چڪو آهي، اسان هڪ ڊيفالٽ مُلڪ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

سيالڪوٽ: بچاءُ وارو وزير خواجا آصف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پرويزالاهي جي آڊيو ليڪس تي سپريم ڪورٽ جي ججن جو اجلاس ٿي گذريو

اسلام آباد (م ڊ) پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويزالاهي جي مبينا آڊيو ليڪس واري معاملي تي سپريم ڪورٽ جي ججن جي غير رسمي اجلاس ۾ ڪو واضح جواب سامهون نہ اچي سگهيو... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اليڪشن ڪميشن جو صدر ڏانهن جوابي خط، عارف علوي جي لفظن تي سخت خدشن جو اظهار

اليڪشن ڪميشن صدر طرفان سڏايل اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، اليڪشن ڪميشن ميمبرز ۽ اعليٰ عملدار ايوان صدر ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ شرڪت ڪندا: ذريعا

صدر ڪي لکيل جوابي خط ۾ اليڪشن ڪميشن صدر طرفان لکيل خط جي لفظن تي سخت خدشن جو اظهار ڪيو آهي

ادارو آئين ۽ قانون تي عمل ڪري ٿو، اليڪشن ڪميشن هڪ آزاد ۽ خودمختيار ادارو آهي، اليڪشن ڪميشن عدليا جي فيصلن جو احترام ۽ انهن تي ڪمل ڪري ٿو: اليڪشن ڪميشن

صدر طرفان اليڪشن ڪميشن جي باري ۾ بي حسي جهڙا لفظ لکڻ مناسب ناهي، اهڙا لفظ لکڻ تي افسوس ۽ مايوسي ٿي

اليڪشن ڪميشن پنهنجي آئيني ذميواريون احسن طريقي سان انجام ڏئي رهي آهي

سلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن چونڊن بابت صدر عارف علوي جي خط جو جواب ڏئي ڇڏيو ذريعن موجب اليڪشن ڪميشن صدر طرفان سڏايل اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، اليڪشن ڪميشن ميمبرز ۽ اعليٰ عملدار ايوان صدر ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ شرڪت ڪندا. ذريعن موجب چونڊن بابت اجلاس ايوان صدر ۾ سومر ڏهاڙي ٻارنهن وڳي طلب ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب اليڪشن ڪميشن صدر طرفان لکيل خط جي لفظن تي سخت خدشن جو اظهار ڪيو آهي. اليڪشن ڪميشن جو چوڻ آهي تہ ادارو آئين ۽ قانون تي عمل ڪري ٿو. اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

لاهور: وزيراعظم ميان شهباز شريف ٽيڪسٽائيل ايسوسيئيشن جي وفد سان اجلاس جي صدارت ڪندي

ڊجيٽل آدمشماري سنڌين خلاف سازش، افغانين، بنگالين سميت پرڏيهي ڏار ڳڻيا ويندا: ساجاهہ وند

قومپرستن جو گڏيل اجلاس جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو

ڊجيٽل مردم شماري کي غير آئيني، غيرقانوني ۽ خطرناڪ سنڌ دشمن سازش ٿا سمجهون ٿا: اڳواڻ

هن آدمشماري موجب نہ گهر شماري جي لسٽ لڳندي ۽ نہ ئي ڪا ٽيم ڊران جي نگراني ڪري سگهندي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) آدمشماري بابت قومپرستن جو گڏيل اجلاس جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو جي ميزباني ۾ ٿيو... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

دهشتگرد قوم جا حوصلا ڪمزور نٿا ڪري سگهن: بلاول

پاڪستان جي سلامتي ۽ استحڪام لاءِ هر حملي پنهنجي هٿن سان منهن ڏنو ويندو

ملڪ دشمن عنصرن کي ڪنهن بہ صورت ۾ پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيڻ نہ ڏينداسين: پرڏيهي وزير

ميونخ: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ڪراچي پوليس آفيس تي حملي جي مذمت ڪندي چيو آهي... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سڄي ملڪ ۾ شب معراج عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

عالمن مختلف شهرن ۾ خاص محفلن ۾ معراج جي واقعي جي فضيلت بيان ڪئي

مسجدن کي خوبصورتي سان سينگاريو، ماڻهن نفل ادا ڪري دعائون گهريون

ڪراچي / حيدرآباد (نمائندن رپورٽ) سڄي ملڪ ۾ شب معراج جي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آصف زرداري پارن کي پي او حملي جي مذمت، پوليس جي بهادري تي فخر آهي: اڳوڻو صدر

لاهور (م ڊ) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ڪراچي پوليس آفيس تي حملي جي مذمت ڪندي... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

عمران خان سان پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير چوڌري پرويزالاهي جي ملاقات

لاهور (م ڊ) لاهور جي زمان پارڪ ۾ عمران خان سان پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي ملاقات ڪئي آهي... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ميونخ: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري سيڪيورٽي ڪانفرنس جي اجلاس ۾ ڳالهائي رهيو آهي

وزيراعظم پارن ڪي پي او حملي جي شهيدن لاءِ پئڪيج جو اعلان

آپريشنل تياري، پوليس جي انگ ۾ واڌ تي فوري ڌيان ڏيڻو پوندو: شهباز شريف

دهشتگردي جو ناسور ختم ڪرڻ لاءِ پوري رياستي قوت کي استعمال ڪرڻو پوندو

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف ڪراچي پوليس آفيس جي شهيدن لاءِ پئڪيج جو اعلان ڪيو آهي... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

زرداري تي عمران خان جي قتل جي سازش جو الزام، شيخ رشيد تي فرد جرم لاڳو ڪرڻ جي تاريخ مقرر

اسلام آباد جي سيشن عدالت ۾ شيخ رشيد پارن آصف زرداري تي عمران خان جي قتل جي الزام جي ڪيس ٻڌڻي ٿي

شيخ رشيد پنهنجي وڪيل سميت عدالت ۾ پيش ٿيو، عدالت فرد جرم لاءِ 15 مارچ جي تاريخ ڏني: شيخ رشيد

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي مقامي عدالت ۾ آصف زرداري تي عمران خان جي قتل جي سازش جي الزام واري ڪيس ۾ شيخ رشيد تي فرد جرم لاڳو ڪرڻ لاءِ 15 مارچ جي تاريخ مقرر ڪري ڇڏي. اسلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عمران خان طرفان جيل ڀرو تحريڪ جو اعلان، ڪاڪرڪن جون گرفتاريون ڏيڻ جو شيڊول جاري

جيل ڀرو تحريڪ جي شروعات لاهور ڪان ٿيندي، پشاور ۾ ڪارڪن خميس تي گرفتاريون ڏيندا

راولپنڊي جا ڪارڪن جمعي تي ۽ ملتان جا ورڪر ڇنڇر جڏهن تہ گوجرانوالا جا ڪارڪن آچر تي گرفتاريون ڏيندا

گرفتاريون ڪارڪن، ليڊر يا عمران خان ڏيندا؟ اڃا تائين ڪجهہ واضح تفصيل سامهون ناهن آيا

لاهور (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان طرفان جيل ڀرو تحريڪ جي شيڊول جو اعلان ڪيو ويو آهي... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پاڪستان پهريون ملڪ آهي جيڪو ترڪيہ ۾ زلزلي کانپوءِ مدد لاءِ پهتو: وزيراعظم

زلزلي سبب جاني ۽ مالي نقصان تي تمام گهڻو افسوس آهي

وزير ۽ پارليامينٽ ميمبرن هڪ مهيني جي پگهار ترڪ ڀائرن لاءِ عطيو ڪئي

انقرہ (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ پاڪستان پهريون ملڪ آهي جيڪو زلزلي کانپوءِ ترڪيہ پهتو... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪي پي او تي حملو، دهشتگردن جي سهولتڪارن جي سڃاڻپ ٿي وئي، سيڪيورٽي ڪوتاهي جو انڪشاف

هڪ دهشتگرد جي سڃاڻپ ڪفايت الله ۽ ٻئي جي ذالا نور جي نالي سان ٿي: ذريعا

اڳهاتي ڏماڪو ڪندڙ دهشتگرد ذالا نور جو واسطو اتر وزيرستان سان هو

قانون لاڳو ڪندڙ ادارن مارجي ويل ٽئين دهشتگرد جي مجيد نالي سان سڃاڻپ تي آهي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي پوليس آفيس تي حملي ڪندڙ دهشتگردن جي سڃاڻپ ٿي وئي... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

وزيراعظم جو خالد مقبول صديقي سان رابطو

رابطي دوران ننڍين چونڊن ۾ حصو نہ وٺڻ جي درخواست

خالد مقبول صديقي پارن وزيراعظم جي جلد مشاورتي اجلاس گهرائڻ جو يقين ڏياريو

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي ڪنوينر خالد مقبول صديقي سان رابطو ڪري ننڍين چونڊن ۾ حصو نہ وٺڻ جي درخواست ڪئي... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

آرمي چيف جنرل عاصم منير پارن ڪراچي پوليس آفيس جو دورو

وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ ۽ ڪور ڪمانڊر ڪراچي پڻ ساٿ ڪي هئا

دهشتگرد حملي جي جاچ لاءِ پنج رڪني ڪميٽي قائم ڪئي وئي

ڪراچي (م ڊ) آرمي چيف جنرل عاصم منير ڪراچي پوليس آفيس جو دورو ڪيو آهي. آرمي چيف... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

دهشتگردن جي علاج وارو ڪيس، صوبائي گهرو کاتي ڊاڪٽر عاصم ۽ ٻين کي ڪلين چٽ ڏئي ڇڏي

صوبائي گهرو کاتي ضياءالدين اسپتال ۾ دهشتگردن جو علاج ڪرڻ واري ڪيس بابت دهشتگردي ڪورٽ ۾ عدالت ۾ درخواست جمع ڪرائي

جاچ آفيسر شروعاتي مرحلن ۾ بہ ثبوت نہ هئڻ جي بنياد تي ڪيس اي ڪلاس ڪري ڇڏيو هو: گهرو کاتو

عدالت گهرو کاتي جي درخواست تي ڏرين کي نوٽيس جاري ڪندي مارچ جي ٻئي هفتي ۾ جواب طلب ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي گهرو کاتي دهشتگردن جي علاج واري ڪيس ۾ ڊاڪٽر عاصم سميت ٻين کي ڪلين چٽ ڏئي ڇڏي... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

فيصل آباد: وفاقي وزير احسن اقبال صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

سي سي پي او لاهور جي بحالي بعد شفاف چونڊون ممڪن آهن يا نہ؟

اليڪشن ڪميشن جو اهم اجلاس طلب

اسلام آباد (م ڊ) سي سي پي او لاهور غلام محمود ڊوگر جي بحالي کانپوءِ شفاف چونڊون... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪراچي: آءِ ٽي واري وفاقي وزير امين الحق ۽ ٻيا صحافين سان تقريب دوران

ڪراچي پوليس آفيس ۾ شهيد ٿيل رينجرز جي سب انسپيڪٽر جو مڙهہ پنجاب روانو

جنازي نماز ۾ وڏي وزير مراد علي شاهہ، ڪور ڪمانڊر ڪراچي، ڊي جي رينجرز، آءِ جي سنڌ ۽ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي شرڪت ڪئي

دهشتگردن جي حملي ۾ شهيد ٿيل پوليس اهلڪار غلام عباس جو مڙهہ لاڙڪاڻي نيو ويو

صدر عارف علوي جناح اسپتال پهچي آپريشن دوران زخمي ٿيل ڊي ايس پي حاجي عبدالرزاق جي عيادت ڪئي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي پوليس آفيس تي حملي دوران شهيد ٿيل رينجرز جي سب انسپيڪٽر تيمور جي جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد مڙهہ پنجاب روانو ڪيو ويو... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

پنجاب مان پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي ۽ داعش جا 8 دهشتگرد گرفتار

سي ٽي ڊي پنج ضلعن ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن دوران سنڌن ٺڪاڻن تي ڇاپا هنيا

آپريشن ۾ پابندي مڙهيل تنظيمن ٽي ٽي پي ۽ داعش سان تعلق رکندڙ 8 دهشتگردن کي گرفتار ڪيو ويو

لاهور (م ڊ) پنجاب جي ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) پنجاب جي مختلف شهرن ۾... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

آمريڪا جي ڪراچي پوليس آفيس تي حملي جي سخت مذمت

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا ڪراچي پوليس آفيس تي حملي جي سخت مذمت ڪئي آهي... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: صدر ڊاڪٽر عارف علوي پوليس آفيس حملي جي زخمي جي عيادت ڪري رهيو آهي

صدر پارن ڪراچي پوليس آفيس حملي جي زخمين جي عيادت

عيادت دوران ڊاڪٽر عارف علوي جوانن جي بهادري جي ساراهہ ڪئي

صدر رينجرز اهلڪارن سان ٻڌي جو اظهار ڪيو

ڪراچي (م ڊ) صدر ڊاڪٽر عارف علوي ڪراچي پوليس آفيس ۽ رينجرز جي زخمين جي عيادت ڪئي... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪهڙو بہ ادارو درست ڪم نہ ڪري رهيو آهي: مصطفيٰ ڪمال

عوام عدليہ جو مذاق ڪري رهي آهي، اوهان ڪي ريسٽورينٽ ۾ وڃڻ جي جڳهہ نہ ملندي

اوهان ڪي ريسٽورينٽ ۾ جڳهہ نہ ملندي، اميرن ڪي خبر ئي ناهي پيٽرول ڪيترو مهانگو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال چيو آهي... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

مسجد نبوي ۾ عورت سيڪيورٽي اهلڪار مقرر ڪيون

رياض (م ڊ) مقدس رمضان المبارڪ دوران مسجد نبوي ۾ عورت سيڪيورٽي اهلڪار مقرر ڪيون وينديون... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

نيب ملڪ جو ڪرپٽ ادارو آهي، ختم ڪيو وڃي: شاهد خاقان

غير آئيني حڪمران ملڪي سياست تي قبضو ڪرڻ چاهن پيا

آءِ جي ڪراچي ۽ امن قائم ڪرڻ ۾ سٺن رهڻ ڪان عدالتن ۽ ڪا ڪٽي رهيو آهي

لاهور (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو آهي تہ نيب کي ختم ڪيو وڃي... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي ۾ 30 لک ماڻهو منشيات جا عادي بڻيل آهن: عبدالرشيد

ڪراچي (م ڊ) سنڌ اسيمبلي ۾ جماعت اسلامي جي ميمبر عبدالرشيد چيو آهي... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

امن جي ڏرتي تي هٿيارن جا لامارا، ڪارونجهر جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سرعام هٿيارن جي نمائش

ڪارونجهر جهڙي پُرامن خطي جي فضا ۾ مورچا قائم ٿيڻ ڪري هر طرف ڍڪ ڍڪ اچي ويا

ٿرپارڪر جي پوليس جي موجودگي ۾ اهڙي صورتحال پيدا ٿيڻ باوجود قانون حرڪت ۾ ناهي اچي سگهيو

مٺي (رپورٽر) ٿر جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سرڪاري زمين جي مالڪي تان ڏرين مورچا بند ڪري ويون... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

دهشتگردي ۾ پختون قوم ملوث ناهي: منظور پشتين

اسان جي ملڪ ۾ 75 سالن کان ڪوڙا الزام لڳايا ويا آهن: تحفظ موومينٽ جو چيف

رياستي ادارن اسان جي ملڪ تان ڪوڙ الزام لڳايو آهي

ڪراچي (رپورٽر) پشتون تحفظ موومينٽ جي چيف منظور پشتين... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي پوليس آفيس تي دهشتگرد حملو افسوسناڪ: عمران خان

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان ڪراچي پوليس آفيس تي حملي جي مذمت ڪئي آهي... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

مُلڪ ۾ سون هڪ ڀيرو وري هزارين رپيا مهانگو ٿي ويو

في تولو اڌ لک 96 هزار رپين جو ٿي ويو

ڏهہ گرام سون جي قيمت ۾ رپيا جو اضافو

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ هڪ ڀيرو وري اضافو ٿيو آهي... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

حيدرآباد جي عورتن لاءِ جديد سفري سهولتن سان ليس پنڪ پيپلز بس سروس جو افتتاح

افتتاح شگفتہ جماڻي، تنزيلا قمبراڻي ۽ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ عبدالحليم شيخ ڪيو

سنڌ حڪومت پارن پنڪ پيپلز بس سروس جو آغاز هڪ خوش آئند قدم آهي: شگفتہ جماڻي

تمام جلد پيپلزبس سروس جي روٽس ۾ اضافو ڪيو ويندو جنهن لاءِ منصوبا بندي ڪئي پئي وڃي: عبدالحليم شيخ

حيدرآباد (رپورٽر) وزير اطلاعات ۽ ٽرانسپورٽ شرجيل انعام ميمڻ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

حيدرآباد: صوبائي اسيمبلي ميمبر شگفتہ جماڻي، تنزيلا قمبراڻي پنڪ پيپلز بس سروس جو افتتاح ڪري رهيون آهن

راولپنڊي ۾ ٻہ ڄڻا وحشياڻي تشدد سبب زخمي ٿيل نينگر اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو

راولپنڊي (م ڊ) راولپنڊي جي علائقي ۾ ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

دهشتگرد پوليس آفيس اندر ڪيئن داخل ٿيا؟ جاچ شروع

ڪراچي پوليس چيف محمد سعيد ۽ رينجرز عملدارن واقعي واري هنڌ جو دورو ڪيو

دهشتگرد عمارت جي پٺئين پاسي کان داخل ٿيا: ذريعا

ڪراچي (م ڊ) دهشتگرد ڪراچي پوليس آفيس اندر ڪيئن داخل ٿيا؟ پوليس، رينجرز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جاچ شروع ڪري ڇڏي... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ناظر جوکيو قتل ڪيس، جام اويس گهرام جي نااهل قرار ڏيڻ لاءِ درخواست داخل

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ بيرسٽر علي طاهر طرفان داخل ڪيل درخواست ڪرائي وئي

جام اويس مقتول ناظر جوکيو جي وارثن سان ڪري ديت جي رقم ڏني: درخواست جو متن

ڪراچي (رپورٽر) ناظر جوکيو قتل ڪيس... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

آصف زرداري ڪرپٽ ۽ چورن جي بادشاهہ آهي: شيخ رشيد

مان 16 ڀيرا وزير رهي چڪو آهيان پر مونکي هٿڪڙيون لڳايون وڃن

منهن تي ڪپڙو وجهي پوءِ بہ پاڻ کي هارايو ڪين معاف ڪيو

حڪمران چونڊن کان ڀڄي رهيا آهن، هاڻي سپريم ڪورٽ ئي ملڪ کي بچائي سگهي ٿي

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد چيو آهي تہ حڪمران چونڊن کان ڀڄي رهيا آهن... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

اڳوڻو وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد

پرويزالاهي آڊيو ليڪس، آئيني اداري جي ساک داءُ تي، باجوڙ باقيات جي صفائي شروع

چيف اليڪشن ڪمشنر کي طلب ڪري جواب طلب ڪيو وڃي: 90 ڏينهن ۾ صوبائي چونڊون ڪرايون: عمران شفقت

اطلاع آهن تہ خطرناڪ تہ آئيني اداري جي سربراهہ تائين پهچائي وئي آهي

لاهور (م ڊ) پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري... 27 ڊسمبر 2022ع تي شهيد بينظير ڀٽو جي

"رات خاموشي سان گذري ويندي، انهن پيچي رهي هيس" ياسمين راشد ۽ غلام محمود ڊوگر جي آڊيو ليڪ

مبينا آڊيو ۾ ٻئي آءِ اڳواڻ ياسمين راشد، غلام محمود ڊوگر کي فون تي چئي رهي آهي تہ هن کي خبر ٻڌايو، آرڊر تي ڇا ٿيو آهي؟

غلام محمود ڊوگر جواب ڏيندي چيو ٿو تہ اڃا تائين آرڊر ناهن مليا، ياسمين راشد چيو تہ انهن جو ارادو آهي، انهن پيچي رهي آهيان

ياسمين راشد چيو تہ معاملي تي خان صاحب گهڻو ڪنسرن هو، جنهن تي غلام محمود چيو تہ ٺيڪ آهي: ليڪ ٿيل آڊيو دوران ٿيل ڳالهہ ٻولهہ

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ ياسمين راشد ۽ سي سي پي او لاهور غلام محمود /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ پاران "هنري سڪيا" بابت پروگرام منعقد

هنري سڪيا جا ڪوڙ سارا زاويا آهن، جنهن وسيلي انفرادي ڪردار جي تعمير ڪري اجتماعي طور لاڀ پرائي سگهجي ٿو: مقرر

دنيا ننڍڙو ڳوٺ بڻجي وئي آهي، ڊگرين جي اهميت بدران قابليت، عملي ڪردار ۽ ڪم جي ضرورت آهي، جنهن ۾ قابليت آهي

دنيا تمام گهڻي اڳتي نڪري وئي، سماج جي اڏاوت جا معيار ۽ ان ۾ فرد جي ڪردار جا لوازمات بہ تبديل ٿي رهيا آهن: خطاب

ٽنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو محمد خان پاران "هنري سڪيا" تي ليڪچر پروگرام منعقد ڪيو ويو، سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) جي اڳوڻي خزانچي، سنڌ اسڪلڊ ڊولپمينٽ سوسائٽي جي سرواڻ علي حسن پٽو "هنري سڪيا" جي موضوع تي ليڪچر ڏيندي چيو تہ هنري سڪيا جا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽنڊو محمد خان: اجلاس دوران اڳواڻ ويٺل آهن

ٽنڊوباگو ۾ پاڻي واري
موٽر مان ڪرنٽ لڳڻ
ڪري بيوه عورت فوت

ٽنڊوباگو (رپورٽر) ٽنڊوباگو شهر جي وارڊ نمبر 2 مير محلہ ۾ 45 سالن جي بيوه عورت امينا زال غلام حسين مگنهار پاڻي واري موٽر مان بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي وئي. مرحومہ کي بجل شاهہ قبرستان ۾ دفنايو ويو

ڪراچي ۾ شهيد سب انسپيڪٽر تيمور جي جنازي نماز ادا

جنازي نماز ۾ وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ. ڪورڪمانڊر ڪراچي ۽ ٻين جي شرڪت

سب انسپيڪٽر تيمور جو مڙهہ پنجاب جي علائقي ملتان شجاع آباد موڪلي ويو

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر) ڪراچي پوليس آفيس دهشتگردي واقعي ۾ شهيد ٿيل رينجرز جي سب انسپيڪٽر تيمور جي جنازي نماز رينجرز هيڊ ڪوارٽر ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ. ڪورڪمانڊر ڪراچي. ڊي جي رينجرز. آئي جي سنڌ. ايڊيشنل آئي جي ڪراچي ۽ ڊي آئي جي عرفان بلوچ سميت ٻين شرڪت ڪئي نماز جنازي بعد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

غوثپور واسي مبينہ اغوا ٿيل روهڙي واسي پورهيت جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

پورهيت پير بخش شيخ جي وارثن ۽ جي يو آءِ اڳواڻن سنڌس بازيابي لاءِ انڊس هاءِ وي تي گوٺ مارڪ پيوٽ ڊرٽو هٽي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

ڌاڙيلن جو مڪمل راڄ قائم آهي، اغوا ڪرڻ روز جو معمول بڻيل آهي نہ ڏينهن جو محفوظ آهيون نہ رات جو سفر ڪري سگهون ٿا: اڳواڻ

وڃون تہ ڪيڏانهن وڃون ڪوبہ تدارڪ نہ ٿيڻ ڪري مجبورن روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪرڻو پيو، نوٽيس وٺي ڪيس جلد بازياب ڪرايو وڃي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور جي ڏينهن اڳ مٿان انڊس هاءِ وي تان مبينہ اغوا ٿيل روهڙي واسي پورهيت پير بخش شيخ جي وارثن ۽ جي يو آءِ جي اڳواڻن سنڌس بازيابي لاءِ انڊس هاءِ وي تي گوٺ مارڪ پيوٽ ڊرٽو هٽي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو روڊ بلاڪ ٿيڻ سبب پنجاب کان سنڌ ايندڙ ٽرئفڪ گاڏين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

غوثپور: مغوي جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪدڻ پرسان ماستريائي ۽
ماستر تي تشدد ڪندڙ گوسڙو
ماستر ڊسمس فار سروس

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڪجهہ ڏينهن پهرين ڪدڻ شهر لڳ ڳوٺ تماچي بجير جي پرائمري اسڪول ۾ ڊيوٽي تان غير حاضر رهڻ جي پڇا ڳاڇا ڪرڻ تي اسڪول جي ماستر ۽ پ ٽ الف جي ضلعي اڳواڻ امتياز علي عمراڻي طرفان اسڪول جي هيڊ ماستريائي تنجيلا خواجا تي تشدد ڪرڻ شروع ڪيو جنهن جي اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٽنڊو غلام حيدر ۾ پي ايس ٽي استادن پاران پگهارون نہ ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

نئين ڀرتي ٿيل استادن احمد خان باگڙائي، عامر باگڙائي، فراز باگڙائي، غلام مصطفيٰ باگڙائي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

گذريل 7 مهينن کان نئين ڀرتي ٿيل پي ايس ٽي استادن کي اڃا تائين پگهارون جاري ڪري نہ ڏنيون ويون آهن: مظاهرين

استادن جو پگهارون جاري ڪري ڏنيون وڃن تہ جيئن ٻارڙن جي تعليم ۽ انهن جو مستقبل داءَ تي لڳڻ کان بچي سگهي

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽر) ٽنڊو غلام حيدر يونين ڪائونسل مويا شهر جي نئين ڀرتي ٿيل pst استادن جون مسلسل 7 مهينن کان پگهارون بند آهن مها مهانگائي ۾ استاد پنهنجي کيسي جو خرچ ڪري ڏوراهين علائقن ڳوٺن ۾ شاگردن کي تعليم ڏيارڻ لاءِ هرروز پڙهائڻ وڃن ٿا ۾ مسلسل 7 مهينن کان نئين ڀرتي ٿيل پي ايس ٽي استادن جون پگهارون بند پيل آهن جڏهن تہ انهي سلسلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

بدين ضلعي جي شهر حيات خاصخيلي مان نوجوان ناري مبيناطور اغوا، وارثن پاران احتجاج

حيات خاصخيلي شهر جي رهواسين ڪرمڻ ڪولهي ۽ سنڌس پٽ پهلاج ڪولهي احتجاجي مظاهرو ڪيو

جوابدار اياز جروار، محرم جروار ۽ گڏيو جروار گهر ۾ داخل ٿي هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري کڻي ويا: مظاهرين

جوابدارن جي گرفتاري ۽ ناري جي بازيابي لاءِ ڳولا ڪريون پيا، وڌيڪ جاچ پڻ ڪري رهيا آهيون: پوليس

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۽ ميرپورخاص ضلعن جي بارڊر تي بدين ضلعي جي شهر حيات خاصخيلي مان نوجوان ناري مبيناطور اغوا وارثن جو احتجاج تفصيل موجب حيات خاصخيلي شهر جي رهواسين ڪرمڻ ڪولهي ۽ سنڌس پٽ پهلاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڏوڪري ۾ ايس يو پي اڳواڻ
مشتاق احمد سنديلو جي
پاڃائي لاڏاڻو ڪري وئي

ڏوڪري (رپورٽر) ايس يو پي اڳواڻ مشتاق احمد سنديلو جي پاڃائي، پريس ڪلب ڏوڪري جي جنرل سيڪريٽري اطهر سنديلو جي چاچي ۽ سماجي اڳواڻ احمد رضا سنديلو جي گهر واري لاڏاڻو ڪري وئي، تفصيل موجب سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي اڳواڻ مشتاق احمد سنديلو جي پاڃائي، پريس ڪلب ڏوڪري جي جنرل سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

بدين: ناري جي اغوا خلاف سنڌس وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

ميرپورخاص ۾ آفيسرن جي کوٽ، 3 اهم اضافي پوسٽون هڪ جونيئر آفيسر حوالي

ڊپٽي ڪمشنر جي پوسٽ جي چارج گذريل 8 مهينن کان اي ڊي سي ون ذين العابدين ميمڻ کي مليل

پوسٽ تي سال کان ڪير بہ مقرر نہ ٿي سگهيو ضلعي اندر درجن کان وڌيڪ پوسٽون خالي نظر اچڻ لڳيون

ميونسپل ڪارپوريشن ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ايڊمنسٽريٽر جي اضافي چارج بہ اي ڊي سي ون ذين العابدين ميمڻ حوالي

ميرپورخاص (رپورٽر) ڊويزنل هيڊڪوارٽر جي شهر ميرپورخاص ۾ آفيسرن جي کوٽ 3 اهم اضافي پوسٽون هڪ جونيئر آفيسر حوالي، اهم پوسٽ ڊپٽي ڪمشنر جي پوسٽ جي اضافي چارج گذريل 8 مهينن کان اي ڊي سي ون ذين العابدين ميمڻ حوالي، ميونسپل ڪارپوريشن ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ايڊمنسٽريٽر جي اضافي چارج بہ اي ڊي سي ون ذين العابدين ميمڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽي ۾ سنڌ ملاح فورم ضلعي جي صدر محمد ايوب ملاح جي سالگرهہ تقريب

مڪلي جي صدر احمد خان خشڪ، عبدالعزيز جوکيو، ايم ايڇ ڪنيار، واحد شورو، علي گوهر قمبراڻي ۽ ٻين جي شرڪت

هن ڏکئي دور ۾ مصيبت ماريل عوام کي باقي ميڊيا جوئي سهارو وڃي بچيو آهي، جيڪا ئي مظلوم عوام جي پرچهلي آهي: مقرر

صحافي محمد ايوب ملاح جاکوڙي صحافي آهي قلم وسيلي عوام جي خدمت ڪرڻ ۽ آواز اعلي اختيارين تائين پهچائڻ ۾ مصروف آهي

ٺٽو (ڊر) ٺٽي جي سينيئر صحافي، پريس ڪلب مڪلي جي خزانچي، سنڌ ملاح فورم ضلعي ٺٽي جي صدر محمد ايوب ملاح جي سالگرهہ تقريب پريس ڪلب مڪلي ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پريس ڪلب مڪلي جي صدر احمد خان خشڪ، عبدالعزيز جوکيو، ايم ايڇ ڪنيار، واحد شورو، علي گوهر قمبراڻي، سيد افضل شاهہ، وزير خشڪ سميت ٻين دوستن وڏي انگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

درگاهہ ستيون پرسان خالو
ميربحر جي رهواسي کان
هٿياربندن ڦري ڪري ويا

ٺٽو (ڊ ر) ٺٽي لڳ ٺٽو/شاهمراد روڊ تان گذريل رات درگاهہ ستيون لڳ خالو ميربحر جي رهواسي مصري ملاح کان 3 موٽرسائيڪلن تي سوار 6 نامعلوم هٿياربند فورن هٿيارن جي زور تي موٽر سائيڪل، هزارين روپيہ روڪ رقم، قومي شناختي ڪارڊ ڦر ڪرڻ بعد مصري ملاح جا هٿ پير ٻڌي ڪيس روڊ پرسان ڪڏ ۾ اڇلي فرار ٿي ويا. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٺٽو: صحافي جي سالگرهہ تقريب دوران ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

سنڌ مارچ قافلو اڄ ڏوڪري پهچندو، جلسي جون تياريون جاري

سنڌ صوبي ۾ لاقانونيت جو راڄ آهي، بک بدحاليءَ سبب عوام پنهنجا ٻچا وڪڻي رهيو آهي: اڳواڻ

ڌاڙيلن جي مسلسل آبادڪاري سبب سنڌ صوبي ۾ امن امان جي صورتحال خراب ٿي رهي آهي

عوام کي اپيل ٿا ڪريون تہ اچو سنڌ ڌرتيءَ جي حلالي پٽن جلال محمود شاهہ، زين شاهہ جا هٿ مظبوط ڪريون

ڏوڪري (رپورٽر) سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني، مهانگائي، بيروزگاري، ڪرپشن ۽ سنڌ ۾ ڌاڙيلن جي آبادڪاري سميت مختلف مسئلن جي حل لاءِ سنڌ مارچ قافلو اڄ آچر ڏينهن ڏوڪري پهچندو، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي چونڪ تي جلسي جون تياريون زور شور سان جاري. تفصيل موجب سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهہ جي اڳواڻي ۾ نڪتل سنڌ پيادل مارچ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سينارجا ٽاڻي جي حد ڳوٺ گل خان لنڊ ۾ پورهيت جي گهر کي باهہ، احتجاج

باهہ واقعي خلاف عورتن پاڪ ڪتاب کڻي معصوم ٻارن سان گڏجي احتجاجي مظاهرو

اسان جو اعظم لنڊ وارن جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، ڪير بہ ٻڌڻ وارو ناهي: مظاهرين

سينارجا (الطاف حسين پتو) سينارجا ٽاڻي جي حد ڳوٺ گل خان لنڊ ۾ پورهيت جي گهر کي باهہ. پورهيت محمد حسن لنڊ جي گهر جي لوڙهي کي باالترن باهہ ڏني آهي اکين ڏٺا شاهد. باهہ واقعي خلاف عورتن پاڪ ڪتاب کڻي معصوم ٻارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز ۾ ڊاڪٽر خادم علي مگريو پاران "صفائي ڪاميٽي" جي گڏجاڻي

اسپتال اسان جو ٻيو گهر آهي ان کي صاف رکڻ اسان سڀني جي اولين ذميواري آهي: ڊاڪٽر خادم مگريو

صفائي مهم کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ميڊيڪس ۽ پيراميڊڪس تي مشتمل ڪميٽي تشڪيل ڏني آهي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروس سنڌ ڊاڪٽر محمد جمن باهوٽو جي حڪم تي سول سرجن نوشهروفيروز ڊاڪٽر خادم علي مگريو پاران "صفائي ڪاميٽي" جي ميٽنگ ٿي گذري جنهن ۾ ڪميٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز: سول اسپتال ۾ اجلاس دوران اڳواڻ ويٺل آهن

دادو ۾ صحافي جي گهر مان ٿيل چوري واپس نہ ٿي سگهي

چوري واپس نہ ٿيڻ خلاف صحافي عدالت پهچي ويو ايس ايڇ او کي عدالت طلب ڪري ورتو

عدالت 23 فيبروري تي ايس ايڇ او دادو بي سيڪشن کي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ صحافي جي گهر مان ٿيل چوري واپس نہ ٿي سگهي، ايس ايڇ او کي عدالت طلب ڪري ورتو. دادو جي صحافي عدالت پهچي ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

غوثپور ۾ مسجد نور مصطفيٰ ﷺ ۾ روحاني طلبہ جماعت جي گڏجاڻي

گڏجاڻي ۾ سجاد حسين چوليائي طاهري فنانس سيڪريٽري ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي

اڄ نوجوان کي گهرجي تہ سائنسي معلومات لازمي حاصل ڪري: محبوب سجڻ سائين

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور مسجد نور مصطفيٰ ۾ انجمن طلبہ اسلام جي سلسلي ۾ ... 2023 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

صدر عارف علوي زخمين جي عيادت لاءِ جناح اسپتال پهتو

صدر عارف علوي پاران زخمي اهلڪارن جي علاج لاءِ هدايت ڪئي

صدر پاران شهيد ٿيلن اهلڪارن جي لاءِ دعا مغفرت ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) صدر مملڪت عارف علوي ڪراچي پوڪيس آفيس ۾ ٿيل دهشتگردي دوران زخمي پوليس ۽ رينجرز اهلڪارن جي عيادت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪراچي : صدر عارف حسين علوي زخمين جي عيادت ڪري رهيو آهي

ٽنڊو غلام حيدر ۾ مين پڙي جو سرعام وڪرو بند نہ ٿي سگهيو، احتجاج

ڳوٺاڻن پاران پوليس اهلڪار انور ٻيهر ۽ عثمان ٻيهر خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

منشيات جي واهپي سبب نوجوان نسل تباهي ڪناري پهچي ويو آهي: مظاهرين جون ڏانهون

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽر) ٽنڊو غلام حيدر جي يونين ڪائونسل مويا ٿمون جلالاڻي موري ۽ سٽر موري جي پسگردائي وارن علائقن ۾ هرروز لکين روپين جي مين پڙي جو سرعام وڪرو بند نہ ٿي سگهيو ڳوٺاڻن جو پوليس اهلڪار انور ٻيهر ۽ عثمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪراچي پوليس آفيس ۾ دهشتگردي تي مذمت ڪجي ٿي: غلام سرور ٽنيو

شهيدن کي سرخ سلام پيش ڪيان ٿو سندن وارثن سان ڏک برابر جا شريڪ آهيون

سپاهي هميشاهہ پنهنجي ملڪ پنهنجي عوام پنهنجي ادارن جي جاني مدد ڪئي آهي

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) ڪراچي پوليس آفيس ۾ ٿيل دهشتگردي تي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي شهيدن کي سرخ سلام پيش ڪيان ٿو غلام سرور ٽنيو پاڪستان مسلم ليگ ن صوبي سنڌ جي نائب صدر غلام سرور ٽنيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڪراچي: پاڪستان مسلم ليگ ن اڳواڻ غلام سرور ٽنيو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سلطانپور جي سرڪاري ٻيلي کي هڪ ڀيرو ٻيهر باهہ لڳي وئي

ٽيهہ ايڪڙ کان وڌيڪ ايراضي تي ٻيٺل لکين روپين جي ماليت جا وڻ سڙي رک

اطلاع ملڻ بعد ٻيلي کاتي جا عملدار نہ پهتو، متاثر پاران واهر ڪرڻ جي اپيل

سلطانپور (رپورٽ: قربان علي مهر) سلطانپور جي سرڪاري ٻيلي کي هڪ ڀيرو ٻيهر باهہ لڳي وئي، ٽيهہ ايڪڙ کان وڌيڪ ايراضي تي ٻيٺل لکين روپين جي ماليت جا وڻ سڙي رک، اطلاع ملڻ بعد ٻيلي کاتي جا عملدار نہ پهتو تفصيل موجب ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

غوثپور پوليس جي ڪارروائي، لاهور واسي کي هرڪجي اغوا ٿيڻ کان بچائي ورتو

ڌوهارين عورتاڻي آواز سان ڳهرائي هرڪائي مبينہ اغوا ڪرڻ جي ڪوشش جو منصوبو رٿيو هو

ڪچي جا ڌوهاري دوکي سان عورتاڻي آواز تي ڳهرائي اغوا ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو هو: پنجاب واسي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور پوليس ڪارروائي / لاهور جي رهائشي کي هرڪجي اغوا ٿيڻ کان بچائي ورتو لاهور جي رهائشي چوڌري محمد عليم ولد چوڌري نور محمد کي ڪچي ۾ رهندڙ تيغاڻي گينگ جي ڌوهارين عورتاڻي آواز سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٺٽي ۾ پاڪستان يوٿ ڪائونسل پاڪستان تحريڪ انصاف جو اجلاس

اجلاس ۾ يوٿ ڪائونسل پاڪستان جون باڊيز جي قيام بابت صلاح مشورا ڪيا ويا

سليم الدين شيخ، گلزار پنهيرو، راشد راجپوت، حافظ محمد وسيم صديقي ۽ ٻين جي شرڪت

ٺٽو (بيورو رپورٽ) گذريل ڏينهن انصاف پاڪستان يوٿ ڪائونسل پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر اعجاز خان نوناري جي رهائشگاهہ تي يوٿ ڪائونسل پاڪستان جو مشاورتي اجلاس ٿيو جنهن ۾ پارٽي قائد عمران خان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽو: اجلاس دوران پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻن جو ورتل گروپ فوٽو

عوام خود شماري جي سهولت جو فائدو وٺي: اسسٽنٽ ڪمشنر شڪارپور

ڊجيٽل گهر ۽ آدم شماري جي لاءِ اينمريٽرن جي ٻهرين بيچ کي ٽيبليٽ ڊيوائسز سان گڏ ٻيو ضروري سامان ڏنو ويو

اسسٽنٽ ڪمشنر / عرفان نظاماڻي اينمريٽرن کي ڪين آدم شماري ۽ گهرشماري متعلق مختلف هدايتون پڻ ڏني

پنهنجي موبائل فون ذريعي پاڪستان شماريات واري اداري جي ويب سائيٽ تان ضروري معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) عوام خود شماري جي سهولت جو فائدو وٺي: اسسٽنٽ ڪمشنر شڪارپور خبر موجب: ملڪي تاريخ ۾ پهرين ڀيرو ٿيندڙ ڊجيٽل گهر ۽ آدم شماري جي لاءِ اينمريٽرن جي ٻهرين بيچ کي ٽيبليٽ ڊيوائسز سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

شڪارپور: اسسٽنٽ ڪمشنر عرفان نظاماڻي ڊوائسز ۽ ٻيو سامان ضروري سامان ڏئي رهيو آهي

سڄاول باڍہ موري جي ڳوٺ رٻڏنو
سومرو جي رهواسي نوجوان جلال
سومرو جو لاش هٿ

ٺٽو (ڊ ر) هفتو اڳ گم ٿيل سڄاول باڍہ موري جي ڳوٺ رٻڏنو سومرو جي رهواسي نوجوان جلال سومرو جو لاش هٿ انهي سلسلي ۾ سڄاول پوليس پاران شڪ جي بنياد تي سنڌس چاچي جي پٽ (سوٽ) جنهن جو نالو عبدالغفور سومرو ٻڌايو پيو وڃي کي سڄاول پوليس پاران شڪ جي بنياد تي تي گرفتار ڪيو ويو هو قتل جو اعتراف ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڪوٽڙي ڪبير ٽاڻي سامهون ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، 3 زخمي

موٽر سائيڪل سوار گل محمد ملاح مسمات ملاح ۽ اٺ سالا نينگر محمد حسن ملاح زخمي ٿي پيا

زخمي گل محمد ۽ سنڌس زال عشرت ٻنهي جي هڪ هڪ ٽنگ ڪٽجي جدا ٿي وئي، اسپتال داخل

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامتيو) ڪوٽڙي ڪبير ٽاڻي سامهون ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر نتيجي ۾ دادو مورو پل جي پرسان ڳوٺ سانول شاهہ جا رهواسي ون ٽو فائيو موٽر سائيڪل سوار گل محمد ملاح مسمات ملاح ۽ اٺ سالا نينگر محمد حسن ملاح ٽرالر جي هيٺان اچي شديد زخمي ٿي پيا زخمي گل محمد ۽ سنڌس زال عشرت ٻنهي جي هڪ هڪ ٽنگ ڪٽجي جدا ٿي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دهشتگردن بزدلاڻا حملا ڪري اسان کي هيسائي نٿا سگهن: گورنر سنڌ

دهشتگردن جو ڪو بہ دين ڌرم ناهي دهشتگرد انسانيت جا دشمن آهن: ڪامران خان ٽيسوري

اٽون پوليس ۽ رينجرز اهلڪارن جي بهادري کي سلام پيش ڪيان ٿو، شهيدن جي وارثن سان گڏ آهيون

گورنر سنڌ زخمي رينجرز ۽ پوليس اهلڪارن جي عيادت لاءِ جناح اسپتال جو دورو بہ ڪيو

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر پنهوار) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري ڪراچي پوليس آفيس ۾ ٿيل حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو تہ دهشتگردن پاران بزدلاڻا حملا ڪري اسان کي هيسائي نٿا سگهن. ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ دهشتگردن جو ڪو بہ دين ڌرم ناهي دهشتگرد انسانيت جا دشمن آهن ڪامران خان ٽيسوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪراچي: گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري زخمي جي عيادت ڪري رهيو آهي

ٽلٽو ۾ نوجوان کي ڌوهارين
پاران قتل ڪرڻ جي سازش
شهرين ناڪام بنائي ڇڏي

ٽلٽو (رپورٽر) ٽلٽو شهر ۾ پڪوڙن جو گاڏو لڳائي پيٽ گذر ڪندڙ غريب نوجوان کي ڌوهاري شخصن پاران قتل ڪرڻ جي شهرين ناڪام بنائي ڇڏي . نوجوان گهٽي جوڳي حالت ۾ اسپتال داخل. پوليس پاران وارثن جي فرياد تي ڪيس داخل خبرموجب سالن کان وٺي شاهي بازار ٽلٽو ۾ پڪوڙن جو گاڏو لڳائي پنهنجو پيٽ گذر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٺٽي ۾ ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري جي صدارت هيٺ آدمشماري بابت اجلاس

گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون رياض حسين لغاري، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو شاهد نظير لنڊ بلوچ ۽ ٻين جي شرڪت

ڊجيٽل مردمشماري لاءِ ٽيبليٽس جي فراهمي، سڪيورٽي ۽ ٻين سمورن انتظامن کي يقيني بڻايو وڃي: ڊپٽي ڪمشنر

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون ۽ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو ڊجيٽل مردمشماري مرحلن جي تمام صورتحال جي نگراني ڪندا

ٺٽو (جاويد ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو غضنفر علي قادري جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس ۾ پهرين مارچ کان شروع ٿيندڙ ڊجيٽل خانہ ۽ مردم شماري جي انتظامن ۽ سيڪيورٽي معاملن جو جائزو وٺڻ لاءِ گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي . گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون رياض حسين لغاري ،ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو شاهد نظير لنڊ بلوچ، اسسٽنٽ ڪمشنرن، مختيارڪارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪراچي ۾ سول سوسائٽي پاران سنڌي ٻوليءَ قومي ٻولي جي حوالي سان ريلي

ايسٽ نيشنل پريس ڪلب جي صدر نذير راڄپر، صحافي بالاچ شاهاڻي مسلم ليگ ن سنڌ جي نائب صدر غلام سرور ٽنيو ۽ ٻين جي شرڪت

سنڌ جي تاريخ زبان ۽ ثقافت هزارين سال پراڻي آهي 21 فيبروري کي ٻولي جو عالمي ڏهاڙو ڪري ملهايو پيو وڃي: نذير راڄپر ۽ ٻيا

عالمي ڏهاڙو ملهائڻ جو مقصد مادري زبان جي اهميت اجاگر ڪرڻ آهي، ٻولي جي مهر هلائڻ لاءِ سڀني ڌرين کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) ڪراچي سهراب ڳوٺ ايوب ڳوٺ ۾ ايسٽ نيشنل پريس ڪلب ڪراچي ۽ سول سوسائٽي پاران سنڌي ٻوليءَ قومي ٻولي جي حوالي سان ريلي ڪڍي وئي. ريلي جي اڳواڻي ايسٽ نيشنل پريس ڪلب جي صدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪراچي: سنڌي ٻوليءَ قومي ٻولي جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

خانپورمهر ٿاڻي تي مقرر پوليس اهلڪار
مڙسي ڪري مسو واهہ ۾ لڙهندڙ نينگري کي
ٻاهر ڪڍي ڪيس بچائي ورتو، وڊيو وائرل

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر ٿاڻي تي مقرر پوليس اهلڪار مڙسي ڪري مسو واهہ ۾ لڙهندڙ نينگري کي ٻاهر ڪڍي ڪيس بچائي ورتو، وڊيو وائرل، خبرموجب ،خانپورمهر ٿاڻي جي پوليس اهلڪار شوڪت گڏاڻي مسو واهہ ۾ لڙهندڙ ڳوٺ رامڻ لنڊ جي رهواسڻ نينگري صائمہ ڌي الهڏنو لنڊ کي مڙسي ڪري بچائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

دادو ۾ مڙس هٿان ليڊي پوليس اهلڪار زال قتل، پاڻ بہ خودڪشي ڪري ڇڏي

بي سيڪشن حد ايڪسائيز آفيس دادو جي سامهون مين روڊ تي ليڊي پوليس اهلڪار حميده کي قتل ڪيو

زال کي قتل ڪرڻ بعد سنڌس مڙس امام الدين لنڊ پاڻ تي بہ فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي

ايس ايڇ او بي سيڪشن پهچي هٿيار سميت لاشن کي تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال دادو پهچايو

دادو (ن سنڌيار) مڙس امام الدين لنڊ هٿان ليڊي پوليس اهلڪار حميد لنڊ قتل: مڙس زال کي وچ روڊ تي قتل ڪرڻ بعد پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي: تفصيل موجب دادو جي ٿاڻي بي سيڪشن حد ايڪسائيز آفيس دادو جي سامهون مين روڊ تي ليڊي پوليس اهلڪار حميد کي قتل ڪرڻ بعد سنڌس مڙس امام الدين لنڊ پاڻ تي بہ فائر ڪري خودڪشي ڪري چڏي واقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

منير سرويچ جي وڇوڙي سان ڪين صدمو رسيو آهي: سسئي پليجو

هُو ڪميٽيڊ سياسي اڳواڻ سان گڏ هڪ بهترين تعليمدان هو، سنڌس تعليم جي بهتري لاءِ ڪيل خدمتون هميشہ ياد رهنديون

سرويچ سڄاولي جي خاندان جو علم ۽ ادب لاءِ تمام وڏو ڪم ڪيو آهي، سنڌس سمورو خاندان علم ۽ ادب سان سلهاڙيل آهي

اسان منير سرويچ جي وڇوڙي تي گهري ڏک جو اظهار ڪريون ٿا، سنڌس پوئينرن سان هِن ڏک جي گهڙي ۾ برابر جا شريڪ آهيون

سڄاول: (ڊ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ سينيٽر سسئي پليجو سڄاول لڳ سرويچ نگر ۾ پهچي سنڌ جي انقلابي شاعر سرويچ سڄاولي جي فرزند تعليمدان منير سرويچ جي اوچتي وڇوڙي تي وارثن سان تعزيت ڪندي گهري ڏک جو اظهار ڪيو ان موقعي تي پ پ پ اڳواڻ سسئي پليجو چيو تہ منير سرويچ جي وڇوڙي سان ڪين صدمو رسيو آهي. هُو ڪميٽيڊ سياسي اڳواڻ سان گڏ هڪ بهترين تعليمدان هو. سنڌس تعليم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٺٽو: سسئي پليجو منير سرويچ جي اوچتي وڇوڙي تي وارثن سان تعزيت ڪري رهي آهي

دادو: ام رباب چانڊيو جي ٽن گهرياتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي

ان وقت جي ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو جي ضمانت واري درخواست جي ٻڌڻي ملتوي ٿي وئي

وڪلين جي اليڪشن سبب عدالتي ڪارروايون معطل هجڻ سبب ٻڌڻي ملتوي ٿي آهي: ام رباب چانڊيو

ٺٽو (بيورو رپورٽ) گذريل ڏينهن انصاف ... مشاورتي اجلاس دادو (ن سنڌيار) ام رباب چانڊيو جي ٽن گهرياتين ڏاڏي ڪرم الله چانڊيو، والد مختيار چانڊيو، چاچي قابل چانڊيو جي قتل ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نئون ڪوٽ ۾ مڊٽرم ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ ميڊل ورهائڻ واري تقريب

تقريب ۾ استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، تقريب ۾ شريڪ شاگردن عبدالوهاب، افتخار، افضل ۽ ٻين استادن جي محنتن کي ساراهيو

استاد قوم جا اڏيندڙ آهن جيڪي پنهنجي شاگرد کي اولاد جيان سمجهندا آهن اسان اڄ جيڪي ڪجهہ سکيو آهي انهن پويان استادن جو هٿ آهي: مقرر

پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن جي حوصلا افزائي لاءِ اهڙيون تقريبون هر اسڪول ۾ ٿيڻ گهرجن ۽ پوزيشن ڪندڙ شاگردن جي ڪم کي ساراهڻ گهرجي

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ پرسان گورنمينٽ هاءِ اسڪول رحمان آباد ۾ مڊٽرم امتحان ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ ميڊل ورهائڻ واري تقريب ٿي گذري، تقريب ۾ استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، تقريب ۾ شريڪ شاگردن عبدالوهاب، افتخار، افضل ۽ ٻين استادن جي محنتن کي ساراهيندي چيو تہ استاد قوم جا اڏيندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 19 فيبروري 2023ع

ادارن ۾ ٽڪراءُ جو تاثر ختم ڪرڻ جي ضرورت

ملڪ جي صورتحال تي نظر ڦيرائجي ٿي ته خبر نه ٿي پوي ته ڇا ٿي رهيو آهي؟هر پاسي غير يقيني آهي هر پاسي افراتفري آهي جنهن ڪري سياسي ڌرين کان وڌيڪ هاڻي ادارن ۾ ٽڪراءَ جو تاثر اڀري رهيو آهي. ملڪ ۾ هڪ پاسي چونڊن جو چوٻول آهي ته ٻئي پاسي سياسي غير يقيني آهي. هڪ سياسي ڌر نيون اليڪشن ڪرائڻ لاءِ ٻن صوبائي اسيمبلين کي ختم ڪري قومي اسيمبلي مان به استعيفيٰ ڏئي چڪي آهي جڏهن ته حڪومت معاشي حالتن جو جواز ڄاڻائي عام چونڊون ڪرائڻ کان انڪاري آهي ۽ ضمني چونڊون به ٻڏتر جو شڪار آهن. معاملو سپريم ڪورٽ ۾ به بحث هيٺ آهي ته ختم ٿيل اسيمبلين جون چونڊون نوي ڏينهن ۾ ڪرائڻ اليڪشن ڪميشن جو ڪم آهي جڏهن ته اليڪشن ڪميشن چئي رهي آهي ته تاريخ ڏيڻ گورنرن جو ڪم آهي. حڪومت وٽ پئسا نه آهن. ماتحت عدالتون عملو ڏيڻ کان انڪاري آهن ۽ فوج سيڪيورٽي نه ٿي ڏئي ته اهڙين حالتن ۾ شفاف چونڊون ڪيئن ٿا ڪرائي سگهون. سي سي پي او لاهور جي بدلي جي معاملي تي شنوائي دوران اليڪشن بابت سپريم ڪورٽ جا ريمارڪس آيا ۽ چيف اليڪن ڪمشنر کي طلب ڪيو ويو جتي سپريم ڪورٽ اليڪشن بابت پڇا ڪئي ته چيف اليڪشن ڪمشنر پنهنجي موقف کان سپريم ڪورٽ کي آگاهه ڪيو. جنهن کان پوءِ اهو تاثر اڀري رهيو آهي ته ادارا هڪ ٻئي جي سامهون اچي رهيا آهن جنهن سان نظام مفلوج ٿي رهيو آهي.

جمهوري ۽ پارلياماني نظام ۾ آئين هر اداري جون حدون طئي ڪندو آهي ۽ هر اداري کي انهي آئين تحت پنهنجو ڪم ڪرڻو هوندو آهي پارليامينٽ سڀني کان سپريم ۽ افضل ادارو آهي جيڪو ٻي باقي ادارن جون آئين ذريعي حدون طئي ڪندو آهي پر هتي بدقسمتي اها آهي ته انهي پارليامينٽ کي ٻئي هر اداري پنهنجي مرضي ۽ خواهش سان هلائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ سياستدانن به انهي کي بي توقير ڪيو آهي. هاڻي ته حالت وڃي اها پهتي آهي جو انهي پارليامينٽ جي ڪارروائي به عدالتن ۾ چئلينج اهي سياستدان ئي ڪري رهيا آهن جن جو ڪم آهي ته انهي اداري جي خودمختياري جو تحفظ ڪن. بدليون مقرريون حڪومتن جو ڪم آهي پر آفيسرن جي بدلين تي به عدالتون. حڪومتن ايستائين جو اليڪشن ڪميشن کان به پڇاڻا ڪري انهن جا آرڊر رد ڪري رهيون آهن. جنهن سان اهو تاثر ملي ٿو ته عدالتون ايگزيڪيوٽو ۽ انتظامي اختيارن ۾ مداخلت ڪري رهيون آهن ايئن وري حڪومتون ۽ سياسي ڌريون عدالتن جي حڪمن تي عمل نه پيون ڪن جنهن جو مثال هڪ وڏي پارٽي جي اڳواڻ کي عدالت طرفان مهلت ڏيڻ آهي پر بار بار مهلت ڏيڻ جي اهو اڳواڻ پيش نه ٿيو جنهن سان اهو تاثر ملي ٿو ته انهن کي عدالتن جي احترام جي ڪا به پرواهه نه آهي. جڏهن قانون واضح آهي ته حفاظتي ضمانت لاءِ ڪنهن به شخص جو پيش ٿيڻ ضروري آهي ته ان قانون تي اڳواڻ عمل نه ڪندا ته پوءِ عام شهرين لاءِ ڪهڙو سبق ڇڏيو ويندو. جيڪي انصاف سڀني لاءِ برابر جي ڳالهه ٿا ڪن اهي اڳواڻ پنهنجي لاءِ خاص انصاف گهرن ته پوءِ قانون سڀني لاءِ برابر واري نعري جو ڇا ٿيندو. ايئن ئي جيڪڏهن آئين ۽ جمهوريت لاءِ وڙهندڙ ڌريون جڏهن پنهنجي مخصوص مفادن لاءِ انهي جمهوريت ۽ آئين جي لتاڙ ڪن ته نظام ڪٿان مضبوط ٿيندو. ايئن ئي جڏهن انصاف جي ادارن لاءِ اهو تاثر پيدا ٿئي ته اهو مخصوص پارٽي يا ڌر جي ونگار وهي رهيو آهي ته پوءِ عام ماڻهو انهي انصاف تي ڪيئن اعتبار ڪندو.

اسان سمجهون ٿا ته ملڪي مسئلن جو هڪڙو ئي حل آهي ته آئين ۽ قانون تي عمل ڪيو وڃي ۽ آئين جيڪي ادارن جون حدون مقرر ڪيون آهن هر ادارو پاڻ کي انهي تي عمل ڪرڻ جو پابند بڻائي ته ڪو به بحران اهڙو ناهي جيڪو ٽري نه سگهي اهو معاشي هجي. سياسي هجي يا آئيني بحران. آئين تي عمل ڪري انهي کي ٽاري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته سياسي بحران سبب معاشي بحران نه ٿو ٽري ۽ هاڻي ادارن ۾ ٽڪراءَ جي تاثر سبب آئيني بحران جو به خطرو آهي. جڏهن انصاف جا ادارا آئين ۽ قانون تحت فيصلا ڪندا ته اهي بحران ٽري ويندا. غير يقيني جي صورتحال ختم ٿيندي ۽ ادارن ۾ ٽڪراءَ جو تاثر به ختم ٿيندو

نوجوانن جي صلاحيت جا چرچا ، جهونا سپ رٽائرڊ ٿين

سيد زوار حسين شاه

جيڪڏهن مان پاڪستان آزاد ٿيڻ کان وٺي ڳالهه ڪندس ته ملڪ جو ٻيڙو هٽ سان سازش ڪري پنهنجا پيٽ ڀرڻ لاءِ ملڪ کي تباهه ڪيو ويو آهي . پاڪستان جي تاريخ گواهه آهي ته جنهن به ملڪ کي هلائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي . يا ته اهو ماريو ويو آهي يا گهر ٽي ويو يا ڇپريل لاش هٽ آيا . يا اسان مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ڊيڄارڻ جي ناڪام ڪوشش ٿيندي رهي . اهڙي صوبتن تڪليفن بعد مان سمجهان ٿو ته سون ۾ ڪو هوندو جيڪو اهڙيون تڪليفون برداشت ڪرڻ لڪان پوءِ به ملڪ سان وفا ڪندو . جڏهن ته پاڪستان جي تاريخ گواهي ڏيئي رهي آهي ته يجترو نقصان هن ملڪ کي موروثي ٻن خاندان سميت ڪجهه ننڍن وڏن خاندانن ڏنو آهي اهو ڪنهن کان لڪيل ناهي . جيڪڏهن چند سياستدانن يا انهن جي سهولتڪارن جا نالا وٺندا سين ته اهي ڪک پتي مان لکا پتي نه ڪروڙها پتي نه پر ارب پتي ڪيئن ٿيا . انهن هن ملڪ سميت عوام سان بار بار ڇا ڪيو اهو ڪنهن کان لڪيل ناهي . پوءِ سوال جنم وٺي رهيو اهي ته پاڪستان سان آخر وفا ڪير ڪندو . عوام جا بنيادي مسئلا حل ڪير ڪندو. اهي سوال آهن جن جا جواب گهرجن پر بدقسمتي سان ملڪ اندر اهڙي ته سدائين قيادت ووٽ حاصل رکي ڪهڙي به طريقي سان اچي ٿي جن کي عوام جي خدمت جي پرواهه گهٽ ڏوڪڙ ناهي ٻين ملڪن م ڪاروبار ڪرڻ . پنهنجا علاج ڪرائڻ گهمڻ ڦرڻ جا شوقين آهن . برحال هن وقت به ڪجهه ائين ئي ٿي رهيو آهي . هن وقت به جڏهن ڪپتان جنهن صرف ساڍا ٽي سال هن ملڪ مٿان حڪومت ڪئي . مهنگائي ڪرڻ تي احتجاج لانگ مارچ سميت ڌرڻا ڏيئي هڪ سوچي سمجهي سازش جنهن لاءِ ڪپتان چيو آهي نيٽ ٽريڪٽرن ٽرالين تي مرد اڳواڻ توڙي عورتون چڙهي لانگ مارچ ڪيو برحال اهو هڪ سلسلو هلندو رهندو آهي . هن وقت جڏهن ته حڪمران هي ملڪ نه ٿيا هلائي سگهن . ملڪ جي معيشت مڪمل تباهه ٿي چڪي آهي ته پوءِ مان گزارس ڪندس ته عوام جو آخر ڪهڙو قصور آهي جڏهن ته سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري چيو آهي ته نوجوان پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي جا سڀ کان وڏا ضامن آهن. نوجوان اسان جو اثاثو آهن. جيڪي پوري دنيا ۾ پاڪستان جو نالو روشن ڪري قوم جو فخر بڻجندا. اسان کي مايوس نه ٿيڻ گهرجي. همت ۽ حوصلي سان مشڪل حالتن کي منهن ڏئي سگهجي ٿو. اهڙن خيالن جو اظهار هن اقرا يونيورسٽي جي 20هين تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. گورنر سنڌ حنيد لاکاڻي جي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته هن ملڪ کي اقرا يونيورسٽي جهڙو مثالي ادارو ڏنو. اقرا يونيورسٽي ڪيترن ئي سالن کان شاگردن کي معياري تعليم فراهم ڪري رهي آهي. سنڌ جي گورنر چيو ته الله تعاليٰ انسان کي قرآن ۾ ڀهرين هدايت پڙهڻ لاءِ ڪئي آهي ۽ سڄي ڪائنات اقرا چيو ۽ پوءِ سڄي ڪائنات جدوجهد شروع ڪئي ۽ ان جي ڪري ئي اڄ انسان باشعور آهي. ڪامران خان ٽيسوري چيو ته گورنر جي حيثيت سان سڀ کان وڌيڪ خوشي يونيورسٽين جي سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ سان ٿيندي آهي. اهڙن پروگرامن ۾ پاڪستان جي روشن مستقبل جي خوشي ملندي آهي. هن وڌيڪ چيو ته هر محب وطن پاڪستاني هن ملڪ جي مستقبل لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي. جڏهن ته ترقي يافته. مستحڪم ۽ خوشحال پاڪستان جو خواب اوهان نوجوانن جي روپ ۾ منهنجي سامهون آهي. گورنر سنڌ چيو ته اسان ڊاڪٽر ۽ انجنيئر پيدا ڪري رهيا آهيون. پر سٺا انسان پيدا نه ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته صوبي جي شاگردن کي بهتر موقعا فراهم ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح آهي. طالب علم ڊگريون وٺڻ کان پوءِ پنهنجي مستقبل لاءِ پريشان نه ٿين. هن چيو ته تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ عملي زندگيءَ ڏانهن رخ ڪيو ته جيئن هو ملڪ جي تعمير ۽ ترقي ۾ ڀرپور حصو وٺي سگهن. هن چيو ته صبر ۽ شڪر سان ڪيترائي مسئلا حل ڪري سگهجن ٿا. تقريب کي ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي صدر طارق يوسف ۽ پروفيسر ڊاڪٽر عارف حسن پڻ خطاب ڪيو. ان موقعي تي چيئرمين نويد لاکاڻي، وائيس چانسيلر ارم لاکاڻي، وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر وسيم قاضي ۽ اقرا يونيورسٽي جي بورڊ آف گورنرز جا ميمبر پڻ موجود هئا غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ واري وفاقي وزير ۽ چيئرپرسن بي آءِ ايس پي شازيه مري چيو آهي ته پاڪستان ۾ باصلاحيت نوجوانن جي کوٽ ناهي. ملڪي مسئلن جو حل جمهوريت جو تسلسل آهي. وفاقي وزير اهڙو اظهار ترڪي جي سي ايم او سمٽ کي خطاب ڪندي ڪيو. هن چيو ته گذريل حڪومت پاڪستاني معيشت کي بُريءَ طرح تباهه ڪيو. گذريل حڪومت جي پاليسين سان ڪاروبار کي نقصان پهتو. هن چيو ته پاڪستان ۾ باصلاحيت نوجوانن جي کوٽ ناهي. پاڪستان تمام جلد سمورن بحرانن تي قابو پائيندو. ملڪي مسئلن جو حل جمهوريت جو تسلسل آهي. هر ڪنهن کي انفرادي طور سٺو ڪرڻو ۽ سوچڻو پوندو. هن پنهنجي خطاب ۾ بي آءِ ايس پي جي مقصدن بابت ڳالهائيندي ٻڌايو ته بي آءِ ايس پي پاڪستان جي 90 لک حقدار عورتن کي مالي معاونت فراهم ڪري ٿو. هي پروگرام سماجي تحفظ جو بهترين پروگرام آهي . مان گذارش ڪندس ته هن وقت جيڪڏهن هن ملڪ جي بچائڻ کو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو ته فرد واحد ڪپتان آهي . جنهن ملڪ جي بقا . عوام کي ڳالهائڻ جي سگهه پڻ ڏني . جن انهن ڪريٽ مافيه جنهن جنهن به هن ملڪ کي لٽيو آهي تباهه ڪيو آهي جنهن جنهن به عوام سان ڪوڙ ڳالهائي ڌوڪا ڏنا انهن خلاف هن وقت جيڪڏهن ڳالهائي ٿو ته اهو به پاڪستان جو نوجوان آهي . ڪپتان جي سکيا بعد مان سمجهان ٿو ته شعور جنم وٺي رهيو آهي . پر ان لاءِ به اسان کي اڃان تاريخي فيصلا ڪرڻ پوندا . جڏهن ته پوري دنيا تي نظر وجهندا سين ته اهو به معلوم ٿيندو ته نوجوان اها صلاحيت رکن ٿا ته پاڪستان جي قبا ڪهڙي ڳالهه ۾ آهي . جڏهن ته جيڪڏهن پاڪستان يج انهن جهونن سياستدانن جن وارا بندي ڪري موروثي خاندانن جي ذريعي حڪومتون هاصل يون انهن عڳوام لاءِ ڪجهه به نه ڪيو آهي پر انهن ملڪ کي ٻنهي هٿن سان لٽيو آهي معيشت کي تباهه ڪيو آهي پاڻ مٿان اربين روپين يج رڪپشن جا ڪيس ختم ڪرايا آهن . جيڪو به ملڪ لاءِ بهتر انهي . هن وقت جيڪڏهن ڪو تاريخي فيصلو نه ٿيو ته پوءِ اسان جو ملڪ ڊيفالٽ ٿي ويندو . جنهن بعد سريلنڪا سميت بنگلاديش واري صورت حال به ٿي سگهي ٿي . رب پاڪ ڪندو ائين نه ٿيندو پر جيڪي موجوده صورت حال آهي اها انتهائي خطرناڪ آهي . هن وقت به جيڪڏهن ملڪ جي اڳواڻن نه سوچيو ته ملڪ واقعي تباهه يٽ يوندو . اڄو ته سنڌ جي گورنر ڪامران ٽسوري جي ڳالهه يجان ان تي اهڻ عمل به ڪيو پر شرط اهو آهي ته چودري شجاعت . جناب آصف علي زرداري . پرويز الاهي . شيخ رشيد اياز صادق. ڪپتان عمران خان سميت هر هڪ جيڪو به بزرگ آهي هاڻ پاڻ رٽائرڊ ٿي سپ ملڪ جي هلائڻ جو زميواريون نوجوان قيادت کي ڏين جيئن ملڪ ترقي به ڪري ته ان مٿان ٻيا ملڪ اعتماد به ڪن . ائين نه ٿيئي جو هن وقت جي وزيراعظم جناب شهباز شريف . جيڪو مجرم جنهن مٿان الزمن سميت ڪيس ثابت به ٿي چڪو هيو سزا به مليل هئي سابق وزيراعظم ميان نواز شريف کي چئن هفتن لاءِ عدالت سگوري ۾ هڪ استامپ پيپر لکي ڏنو اجزت ورتي ته هو واپس ايندو پر هن وقت کو ان کان پڇڻ گواره به نه ٿو ڪري ته توهان ملڪ جا وزيراعظم آهيو . واعدو وفا ناهي ڪيو جڏهن ته ترڪي ۾ آيل زلزلي ۾ انتهائي خطرناڪ حد تائين نقصان ٿيو آهي پر اسان جي لاءِ شرم جي ٻڏي مرڻ جو اهو به مقام آهي ته جيڪو سامان ترقي موڪليو ويو آهي . ان مٿان حڪومت سنڌ جو ٺپو . حڪومت پاڪستان جو لڳل آهي پر جيڪو اندر سامان آهي ا هو ان ملڪ ترقي جو ئي موڪليل آهي جيڪو سيلاب بارشن جي ڪري ترقي موڪليو هو . ڪيڏي شرم جي ڳالهه آهي . ان ڪري بحيثيت پاڪستاني شهر شهباز شريف کي به عرض ڪيان ٿو ته توهان به رٽائرڊ ٿي هاڻ گهر آرام ڪيو . مهنگائي ٿڻ لاءِ توهان جا خطاب موجود آهن ته ڪپڙا لاهي به عوام جي خدمت ڪندس . پر هاڻ عوام بک مري رهيو آهي . بس رحم رحم ڪيو

> جي ڪُلاهَ رڪين ڪنڌ تي، ته صوفي سالم ٿِيءُ؛
> وِهِ وِٺِي هٿ ڪري، پُر پيالو پِيءُ؛
> هَنڌُ تنين جو هِيءُ، جن حاصل ڪيو حال کي.

ختم ٿيندڙ آبي جيوت ، انڌي ٻلهڻ ۽ پلو

حبيب الله راهيمون

هيءَ نهري نظام قدرتي طور اهڙو ته همواز آهي جيڪو بناڪنهن مشينن جي سوين ڪلوميٽرن تائين زمينن کي وڃي سيراب ڪري ٿو اسان جو سنڌو درياءَ ۽ ان مان نڪرندڙ واهن ۽ واهن مان نڪرندڙ شاخون ۽ شاخن مان نڪرندڙ واٽرن جو اهڙو ته جار وڇايل آهي جنهن جي ذريعي لکين ايڪڙ زمين آباد ڪئي وڃي ٿي. پاڻيءَ جي ورهاست جو مسئلو پاڪستان کي جمڻ کان وٺي ورهاست ۾ مليل آهي.

اهو مسئلو عالمي بنيادن تي انڊيا ۽ پاڪستان جڏهن ته ملڪي بنياد تي سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ هميشه رهيو آهي. ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ وقت بوقت ٻنهي ڌرين ۾ بيٺڪون ٿينديون رهيون آهن ڪڏهن انڊيا جا ڪميٽي جا نمائندا اچي پاڪستان ۾ چڪاسيندا آهن ته ڪڏهن وري پاڪستان مان نمائندا وڃي انڊيا ۾ پاڻيءَ جي چڪاس ڪري ايندا آهن. پاڪستان ۾ 1992ع ۾ انهن مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ هميشه ان جي نگراني ڪرڻ لاءِ ارسا (انڊس رور سسٽم اٿارٽي) نالي هڪ ادارو ناهيو ويو جيڪو اڄ تائين ان مسئلي تي ڪم ڪري رهيو آهي. پاڪستان جي آبپاشيءَ جو نظام تقريبن 19 بئراجن تي مشتمل آهي. درياءَ سنڌ تي موجود بئراجن جو تعداد 6 آهي جنهن ۾ 3 بئراج گڊو سکر ۽ ڪوٽڙي سنڌ ۾ آهن. بئراج درياءَ تي موجود دروازن جو هڪ اهڙو ڍانچو آهي جنهن جي ذريعي پاڻي ڪئنالن ڏانهن روانو ڪيو وڃي ٿو

سنڌ صوبو درياءَ جي پڇڙي ۾ آهي جنهن جي ڪري درياءَ ۾ ٿيندڙ ٻوڏ ۽ ان ۾ ٿيندڙ سوڪ کي ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ نقصانن کي منهن ڏيندو آهي. جتي درياءَ لکين ايڪڙ زمين کي آباد ڪري ٿو اتي هو ڪيترين ئي پاڻي ۾ رهندڙ آبي حيات کي زنده رکيو اچي. اها پاڻي واري آبي حيات ڪيترين ئي غريبن جي گذر سفر جو ذريعو بڻجي ٿي ۽ ملڪ جي معيشت ۾ وڌارو پيدا ڪري ٿي. هونئن ته سنڌو درياءَ ۾ ڪيترين ئي آبي حيات موجود آهن پر هتي اسان ذڪر ڪنداسين به منفرد (ناياب) آبي حيات جو، جن ۾ ڊولفن (انڌي ٻلهڻ) ۽ پلو مڇي آهي. ڊولفن اها ناياب آبي حيات آهي جيڪا دنيا جي چند ملڪن ۾ موجود آهي جن ۾ پاڪستان جو شمار سرفهرست آهي. ڊولفن جون اکيون تمام ننڍيون آهن جيڪي ڏسڻ جي صلاحيت جي قابل نه آهن جنهن جي ڪري هن کي انڌي ٻلهڻ چيو وڃي ٿو هي واحد آبي حيات آهي جيڪا ڏسي نٿي سگهي، هن ۾ هڪڙو سينسر سسٽم آهي جنهن ذريعي پري پري تائين ڪا به چر پر محسوس ڪري سگهي ٿي. بئراجن جي تعمير کان پوءِ هاڻ اها صرف گڊو ۽ سکر بئراج جي وچ واري علائقي ۾ ڏٺي ويندي آهي. جنهن جو تعداد ڏينهون ڏينهن گهٽجندو پيو وڃي. هاڻ ڳالهه ڪريون ٿا پلي مڇي جي. پلو هڪ اهو آبي حيات آهي جيڪو سمنڊ جي کاري پاڻي کان درياءَ جي مٺي پاڻي ڏانهن سفر ڪندو آهي.

1932ع کان پهريان يعني سکر بئراج، گڊو بئراج ۽ ڪوٽڙي بئراج جي تعمير کان پهريان پلو ملتان تائين ملندو هو جڏهن ته بئراجن جي تعمير ڪانپوءِ هاڻ اهو صرف ڪوٽڙي بئراج جي هيلين پاسي ملي ٿو. بئراجن جي نهڻ جي ڪري ان جا مٺي وڃڻ جا رستا بند ٿي ويا آهن. سنڌ جي آبپاشيءَ وارو ادارو سنڌ جي فشريز واري اداري سان گڏجي ڊولفن مڇي (انڌي ٻلهڻ) ۽ پلو مڇي جي حفاظت ۽ ان جي آبادي وڌائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي.

تازو ئي 2 فيبروري تي سنڌ جي آبپاشي واري اداري، سنڌ بئراج امپروومينٽ پروجيڪيٽ جي طرفان ورلڊ بئنڪ جي سهڪار سان هڪ سيمينار ڪوٺايو ويو جنهن ۾ ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ پاڻي ڇڏڻ تي ۽ اتي موجود آبي حيات تي غور ويچار ڪيو ويو ان سيمينار ۾ مختلف ادارن جي ماهرن جنهن ۾ فشريز ڊپارٽمينٽ، وائلڊ لائيف ڊپارٽمينٽ، سنڌ يونيورسٽي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن مان ماهرن کي گهرائي ان ڳالهه تي غور ويچار ڪيو ويو ته 1991ع واري پاڻي جي ناهه تحت ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ قانون مطابق گهٽ ۾ گهٽ 5000 ڪيوسڪ پاڻي جو وهڪرو لازمي آهي. ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ پاڻي نه ڇڏڻ جي ڪري سمنڊ به چاڙهه ڪندو پيو اچي. فشريز ڊپارٽمينٽ جي ماهرن وڌيڪ ٻڌايو ته ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ پاڻي نه ڇڏڻ جي ڪري ڪيترن ئي آبي حيات جو نسل ختم ٿيندو پيو وڃي جنهن ۾ پلو سرفهرست آهي. پلي جي اها خاصيت آهي ته هو پنهنجا آنا ملي پاڻي ۾ ڏيندو آهي ۽ اهو آنو 24 ڪلاڪ تائين وايس پاڻي جي ذريعي وهي وري وايس کاري پاڻي ۾ يعني سمنڊ ۾ ٻچو نڪرندو آهي. ماهرن وڌيڪ ٻڌايو ته پلو سال ۾ ٻه مهينا آنا ڏيندو آهي. ان مهينن دوران ڪوٽڙي بئراج ويجهو مڇي جي شڪار تي پابندي لڳائي وڃي ۽ مڇي جي شڪار لاءِ وڏي جار جو استعمال ڪيو وڃي جنهن ۾ مڇي جا ٻچا نه ڦاسي سگهن. ماهرن جو وڌيڪ چوڻ هو ته ڪوٽڙي بئراج تي پلي جي گذرڻ لاءِ جيڪي رستا ٺهيل آهن. انهن کي وڌيڪ سٺي نموني نئين ڊزائن ۾ ٺاهيو وڃي ۽ ان کان علاوه پلي جي پيداوار جي واڌاري ۽ ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻي جي ٻين مسئلن تي بحث مباحثو ڪيو ويو.

بقايا 11

ڏيندا. راولپنڊي جا ڪارڪن جمعي تي ۽ ملتان جا ورڪر ڇنڇر جڏهن ته گوجرانوالا جا ڪارڪن آچر تي گرفتاريون ڏيندا. سرگوڌا ۾ سومر ۽ ساهيوال ۾ اڱاري جي ڏينهن گرفتاريون ڏنيون وينديون پر جيل ڀريو تحريڪ ۾ پهريان گرفتاري ڪير ڏيندو. ڪارڪن. ليڊر يا عمران خان؟ اڃا تائين ڪجهه واضح تفصيل سامهون ناهن آيا.

ڪي ٻڻ رد ڪري ٿو جنهن مرجب وفاق کي سنڌ جي وسيلن کي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ انهن تي سيڙپڪاري ڪرڻ جو حق ڏنو ويو آهي. اهو عمل وحدتن جي خودمختياري جي خلاف آهي.

بقايا 06

حملي جي مذمت ڪئي وئي آهي. آصف علي زرداري طرفان سنڌ پوليس کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي آهي. پوليس جي شهيد جوانن جي خاندانن...

بقايا 27

. خطرن کي منهن ڏيڻ ۽ امن ۽ سلامتي جي انتظامن 7 سهولتن جي جديد نظام جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ امن امان جي انتظام بابت اداري ۽ ٻين عهديدارن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته مسجد نبوي ۾ عورت...

بقايا 33

ڊوگر جي مبينا آڊيو سامهون آئي آهي. مبينا آڊيو ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ ياسمين راشد، غلام محمود ڊوگر کي فون تي چئي رهي آهي ته سڀني خبر ٻڌايو. آرڊر ٿي ويا آهن؟جنهن تي غلام محمود ڊوگر جواب ڏيندي چوي ٿو ته اڃا تائين...

بقايا سنڌيار 01

ڪوڙ سارا زاويا آهن، جنهن وسيلي انفرادي ڪردار جي تعمير ڪري اجتماعي طور لاپ پرائي سگهجي ٿو. هن چيو ته دنيا نندڙو ڳوٺ بنجي وئي آهي، ڊگرين جي اهميت بجاءِ قابليت، عملي ڪردار ۽ ڪم جي سخت ضرورت آهي، جنهن ۾ قابليت آهي، اهو ئي اڳيان نڪري سگهي ٿو، باقي ڊگريون ته لکين ماڻهو حاصل ڪريو، بنا ڪنهن ڪم ڪار جي ويندا گهمندا ڦرن ٿا. هن چيو ته دنيا تمام گهڻي اڳتي نڪري وئي، سماج جي اڏاوت جا معيار ۽ ان ۾ فرد جي ڪردار جا لوازمات به تبديل ٿي رهيا آهن، هڪ سرزمين تي ويهي، ٻي سرزمين تان نائي ڪمائڻ جا تمام گهڻا لاڙا جنم وٺي چڪا آهن جديد ٽيڪنالاجي ۽ سوشل ميڊيا جي يلغار ۾ جياپي جي جنگ اهو ئي وڙهي، فخر لائق ڪاميابي ماڻي سگهي ٿو، جنهن ۾ قابليت سان گڏ جديد ٽيڪنالاجي جي ڄاڻ آهي. ليڪچر پروگرام ۾ سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي خزانچي اعظم پتي آيل مهمانن جي آجيان ڪندي چيو ته سنڌي ادبي سنگت، سنڌ ۾ متحرڪ ڪردار ادا ڪرڻ سان گڏ جديد دور جي تقاضائن موجب ٽيڪنالاجي جو فائدو وٺندي ان ۾ مهارت رکندڙ ماهرن جي مدد وسيلي نوجوان نسل جي رهنمائي لاءِ علمي، ادبي تربيت سان گڏ هنري سکيا جهڙا قدم کڻي، سنڌي ادبي سنگت جي تاريخ ۾ هڪ منفرد مقام جوڙيو آهي، هن چيو سنڌ جي سلجهيل ۽ باشعور طبقي کي گڏ ڪئي ادبي سنگت نوان لاڙا متعارف ڪرائي رهي آهي، جيڪو قدم نئين نسل لاءِ هڪ وڏي اتساهه جو سبب آهي. ليڪچر پروگرام ۾ سنڌي ادبي سنگت ٽنڊو محمد خان جي ضلعي رابطا سيڪريٽري آغا جان آغا، شاخ ٽنڊو محمد خان جي سيڪريٽري رفيق آس لغاري، اعجاز علي جسڪاڻي، گل خاصخيلي، عاشق علي ڳاهو، مختيار علي نظاماڻي، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، گل محمد سومرو، پير ماجد جان سرهندي، محمد اشرف سنيو، غلام نبي "شاعر" خاصخيلي، ومل شرما، مظفر لغاري، حاجي سميع الله ميمڻ، اياز علي لغاري، جاني شيدي، قاضي محمد صديق ڪاٽ ٻانڀڻ، علي حيدر پتو، انعام علي پتو، علي رضا پتو، شڪيل احمد پتو، جان محمد لغاري ۽ ٻين پرپور شرڪت ڪري، ليڪچر بابت مختلف قسم سوال پڻ ڪيا، جن سوالن جا مثبت انداز ۾ جواب پڻ ڏنا ويا. ان کان اڳ شاخ ٽنڊو محمد خان پاران نيوجرسي (آمريڪا) مان کهي آيل ساٿي اڳواڻ علي حسن پتو ۽ ان سان گڏ آيل دوستن کي اجرڪون اوڍائي، ڪتابن جا تحفا پڻ ڏنا ويا. ان موقعي تي علي حسن پتي ۽ ساٿس گڏ آيل وفد سنڌي ادبي سنگت لائبريري ۾ جسٽس (ريٽائرڊ) محمد روشن عيساڻي ڪارنر جو معائنو پڻ ڪيو ۽ شاخ ٽنڊو محمد خان جي متحرڪ علمي ۽ ادبي ڪردار کي پڻ ساراهيو.

بقايا سنڌيار 02

سان گڏجي احتجاجي مظاهرو، عورتن جون اپ ڏاڍيون ڏانهون. ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان انصاف جي گهر. اسان جو اعظم لنڊ وارن جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. احتجاج ڪندڙ عورتن جون صحافين آڏو ڏانهون تفصيلي خبر موجب سيناريجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ گل خان لنڊ جي پورهيت محمد حسن لنڊ جي گهر کي باهه ڏيڻ جي ڪوشش ۾ گهر جو لوڙهو ساڙي ڇڏيو، گهر کي باهه ڏيڻ واري واقعي خلاف عورتن نبيعت خاتون، رضيه خاتون ۽ صبيا خاتون لنڊ جو پاڪ ڪتاب کڻي معصوم ٻارن سان گڏجي احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهرو ڪندڙ عورتن جو چوڻ هيو ته اعظم لنڊ اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، اڄ اعظم لنڊ اسان جي گهر کي باهه ڏيڻ جي ارادي سان اسان جي گهرجي لوڙهي کي باهه ڏني ۽ اسان جي ڏانهن تي ڳوٺاڻن پهچي اسان جي گهر کي باهه لڳڻ کان بچايو، جڏهن ته گهر جي پردي داري لاءِ ڏنل گهر جو لوڙهو سڙي رک ٿي ويو. متاثر عورتن جو چوڻ آهي ته اعظم لنڊ اثرو ته بااثر آهي جو پوليس به ان کي ڪجھ نه ٿي ڪري. عورتن جو اپ ڏاريندڙ ڏانهون، هنن ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کي اپيل ڪئي ته اعظم لنڊ خلاف قانوني ڪاروائي ڪري اسان مسڪينن کي هن جي ڏاڍ مان نجات ڏياري وڃي. ٻئي طرف الزام هيٺ آيل ڌر اعظم لنڊ رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته الزام هڻندڙ ڌر پنهنجي گهر جي لوڙهي کي پاڻ باهه ڏني آهي، جڏهن ته ٽي ڏينهن اڳ الزام هڻندڙ ڌر جو نوجوان قاسم ڏين رات جو اسان جي گهر ۾ زبردستي داخل ٿي منهنجي ڀيڻ ناهيد سان زبردستي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن جي ايف آءِ آر سيناريجا ٿاڻي تي داخل آهي. اسان تي الزام هڻندڙ ڌر اسان کي پريشان ڪرڻ پاران داخل ڪرايل ڪيس ختم ڪرائڻ لاءِ ڪوڙا ڊراما پيئي ڪري ٿي، ٻئي طرف سيناريجا پوليس جو چوڻ آهي ته مذڪور ٻنهي ڌرين جو پاڻ ۾ مسئلو هلندڙ آهي. اسان ان سموري معاملي جي جاچ ڪري رهيا آهيون ملوث جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 03

جي انچارج ڊاڪٽر عبدالخالق عباسي، ميمبرز اعجاز ممناڻي، محمد سعود ٻوهيو، اشرف قريشي ۽ محمد جمن شيخ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سول سرجن هدايتون جاري ڪندي چيو ته اسپتال اسان جو ٻيو گهر آهي ان کي صاف رکڻ اسان سڀني جي اولين زميواري آهي ان ڪري هن صفائي مهم کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ميڊيڪس ۽ پيراميڊڪس تي مشتمل ڪميٽي تشڪيل ڏني آهي جيڪي سپائي آچر جي ڏينهن پنهنجي ڪم جو آغاز ڪندا ائين هيءُ سڄو هفتو روزانو جي بنياد تي ڪم جي نگراني ڪندي شام جو رپورٽ سول سرجن ۽ ڊي جي هيلٿ ڏانهن موڪليندا ان موقعي تي پيراميڊڪس اڳواڻ خادم حسين مستوئي علي اصغر چنه ۽ دانيال جمالي پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 04

شهيد سب انسپيڪٽر تيمور جي قرباني کي سنڌ جي وڏي وزير سيد مرادڳ علي شاهه سهارائندي چيو ته سنڌ حڪومت شهيد جي فيملي جو هر طرح سان خيال رکيو ويندو شهيد جي قرباني کي قدرجي اک سان ڏٺو ويندو شهيد رينجرز سب انسپيڪٽر تيمور جو مڙهه پنجاب جي علائقي ملتان شجاع آباد موڪلي ويو جتي آخري رسمون ادا ڪيون وينديون

بقايا سنڌيار 05

ٽي وي چينل جي رپورٽر صحافي مشتاق شاهاڻي جي چاڻو شاهه آباد واري علائقي واري گهر مان ٽيل چوري واپس نه ٿيڻ خلاف صحافي پاران دادو جي عدالت ۾ AB 22 داخل ڪرائي وئي ايس ايچ او عدالت طلب جنهن جي عدالت پاران ڏرين کي نوٽيس جاري ڪندي 23 فيبروري تي ايس ايچ او دادو بي سيڪشن کي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي

بقايا سنڌيار 06

بيهجي ويون آهن احتجاج جي اڳواڻي جي يو آءِ جا اڳواڻ ياسين اوڳاهي فوجي اصغر اوڳاهي فريد احمد ۽ پرويز شيخ ڪري رهيا آهن ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ضلعي ڪشمور ۾ ڌاڙيلن جو مڪمل راڄ قائم آهي اغوا ڏاڙا ڦرون روز جو معمول بڻيل آهي نه ڏينهن جو محفوظ آهيون نه رات جو سفر ڪري سگهون ٿا وڃون ته ڪيڏانهن وڃون ڪوبه تدارڪ نٿو ٿئي مجبورن روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪرڻو پوي ٿو واضع رهي ته تي ڏينهن اڳ چراڻ جاتل هٿيارٻندن مٿن انڊس هاءِ وي تي سکر کان سوات ويندڙ مزدا کي گوليون هڻي مزدا جي ڪلينر پيربخش شيخ کي اغوا ڪري فرار ٿي ويا هئا ۽ گوليون لڳڻ سبب ڊرائيور گلبهار اوڳاهي ۽ خادم لاشاري کي مرٽينگ ڪري ويا هئا 3 ڪلاڪن کان پوءِ ڊي ايس پي تنگواڻي ۽ ايس ايچ او غوثپور اختيار احمد ناريجو پهچي مغوي جي بازيابي لاءِ وارثن کي خاطري ڪرائي ته 2 ڏينهن جي اندر مغوي جي بازيابي ڪرائينداسون ان کان پوءِ روڊ کوليو ويو

بقايا سنڌيار 07

جي ٻئي ماستر مظفر ڪٽي وڊيو رڪارڊ ڪري ورتي ۽ پوءِ هيڊ ماستريائي مس تنجيلا کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي ته امتياز عمراڻي ان تي به تشدد ڪيو جيڪا وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ تي سيڪريٽري تعليم اڪبر لغاري ۽ ڊي اي او پرائمري بدين محمد صالح ڪوريجو طرفان الڳ الڳ ڪميٽيون ناهي هن معاملي جي جانچ ڪرائي وئي جان ڪميٽين جو اماٽيل رپورٽون ۾ امتياز عمراڻي کي ڏوهه جو مرتڪب ڄاڻايو جنهن جي نياد تي سيڪريٽري تعليم اڪبر لغاري 17 فيبروري تي امتياز علي عمراڻي کي ڊسمس فار سروس جو آرڊر جاري ڪري ڏيو آهي

بقايا سنڌيار 08

جن جي زير سرپرستي ۾ تي گڏري جنهن ۾ خصوصي شرڪت سجاد حسين چوليائي طاهري فنانس سيڪريٽري رط ج ضلع ڪشمور ايٽ ڪندڪوٽ ۽ رط ج ضلعي پريس سيڪريٽري دوست محمد ملڪ طاهري جن ڪئي جنهن ۾ عهديدار چونڊيا ويا صدر امتياز علي محمداڻي طاهري نائب صدر فقير نظير احمد ملڪ طاهري جنرل سيڪريٽري نثار احمد ملڪ طاهري جوائنٽ سيڪريٽري مهتاب علي طاهري فناس سيڪريٽري خاوندبخش طاهري پريس سيڪريٽري سراج احمد طاهري اطلاع سيڪريٽري سجاد علي محمداڻي طاهري آفيس سيڪريٽري غلام مرتضيٰ طاهري معاون صدر پرويز احمد طاهري ان موقعي تي خليفه ذوالفقار علي اوڳاهي خطاب ڪندي فرمايو الله پاڪ کي ۽ ٻنهي جهانن جي سردار کي راضي ڪرڻ جو واحد طريقو آهي ته نماز قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ فرض آهي انسان کي گهرجي ته فرض ۾ ڪوتاهي نه ڪري ۽ پاڙيسرن جا يتيمن جا حق ادا ڪري پنهنجي نياڻين کي دنياوي توڙي ديني تعليم ڏيڻ گهرجي ان موقعي تي خليفه صاحب مرشد محبوب سچڻ سائين جو پيغام ڏيندي فرمايو ته اڄ نوجوان کي گهرجي ته سائنسي معلومات لازمي حاصل ڪن ۽ پنهنجي پاڙي رستن تي شجرڪاري ضرور ڪن آخر ۾ ملڪ پاڪستان جي امن ۽ سلامتي لاءِ دعا گهري وئي

بقايا سنڌيار 09

لاءِ ڪراچي جناح اسپتال پهچي ويو صدر مملڪت عارف علوي پاران زخمي اهلڪارن جي علاج لاءِ هدايت ڪئي ۽ شهيد ٿيل اهلڪارن جي لاءِ دعا مغفرت ڪئي وئي

بقايا سنڌيار 10

۾ نئين پرتي ٿيل استادن احمد خان باگراڻي: عامر باگراڻي: فراز باگراڻي: غلام مصطفي باگراڻي: امداد لغاري ۽ ٻين استادن سنڌيار سان ڳالهائيندي چيو آهي ته موجوده حڪومت پاران گذريل 7 مهينن کان نئين پرتي ٿيل پي ايس ٽي استادن کي اجا تائين پگهارون جاري ڪري نه ڏنيون ويون آهن جنهن جي ڪري استادن ۾ سخت مايوسي ۽ بيچيني ڇانيل آهي ٻي طرف مويا جي نئين پرتي ٿيل پي ايس ٽي استاد غلام مصطفي باگراڻي جو وڏيڪ چوڻ آهي ته 7 مهينن کان پنهنجو خرچ ڪري ڀهراڙي جي ڳوٺن ۾ روز جي بنياد تي وڃي ٻارڙن کي تعليم ڏيون ٿا پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته سنڌ حڪومت اجا تائين استادن کي پگهارون جاري ناهي ڪري سگهي استادن حڪومت سنڌ وزير تعليم کان پرزور مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي استادن جو پگهارون جاري ڪري ڏنيون وڃن ته جيئن ٻارڙن جي تعليم ۽ انهن جو مستقبل داءُ تي لڳڻ کان بچي سگهي ۽ استادن مان ونڊڻ بيچيني دور ٿي سگهي

بقايا سنڌيار 11

ڪولهي احتجاج ڪندي ڪرمڻ ڪولهي ٻڌايو ته سنڌس پٽ پهلاج جي 20 سالا گهرواري شيرڻي ڄڱر کي رات 3 جوابدار اياز جرار، محرم جرار ۽ گڏيو جرار تي جي هٿيارن جي زور تي زبردستي اغوا ڪري ويا آهن مزاحمت ڪرڻ تي مونکي لٺيون هڻي زخمي ڪري ڇڏيائون ۽ ان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏيئي منهنجي نونهن کي زبردستي کڻي ويا آهن هن ٻڌايو ته مهينا اڳ جوابدار اياز جرار منهنجي نونهن کي ورغلائي ڪراچي وٺي ويو هو ۽ اتي زبردستي مسلمان ڪري منهنجي نونهن سان شادي ڪري ڇڏيو هو جڏهن ته هڪ مهينو اڳ منهنجي نونهن اسان وٽ واپس آئي هئي [illegible]

بقايا سنڌيار 12

[illegible] قدم ناهي کڻي سگهي جنهن جي ڪري منشيات نسلن جا نسل تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيا آهن هوڏانهن ساجاهه وندن پاران پوليس اهلڪار ستر موري جي انچارج انور ٻيرخلاف ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کان ڪاروائي جو ترت مطالبو ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي ٻي صورت ۾ مظاهرين اعجاز : ميرمحمد ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته پوليس جي ملي ڀڳت سان وڪرو ٿيندڙ مين پڙي جو ڪڌو ڪاروبار بند نه ٿيو ته زهروڪڻندڙ منشيات فروشن جي زهريلي مين پڙي کي سرعام ساڙي منشيات وڪرو ڪندڙن جا وڊيو وائرل ڪيا ويندا اڳتي لاءِ جيڪو ڪجھ ٿيندو ان جا ذميوار پوليس اهلڪار انور ٻيرجا ويجها رشتيدارئي قانون مطابق ملوث رهندا

بقايا سنڌيار 13

اطهر سنديلو جي چاچي ۽ ڳوٺ حڪيم سنديلو جي سياسي سماجي اڳواڻ احمد رضا سنديلو جي گهر واري بيماري سبب لاڙڪانو جي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري وئي. جنهن کي سنڌس اباڻي قبرستان ڳوٺ حڪيم سنديلو ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. هوڏانهن مرحوم جي پونئيرن مشتاق احمد سنديلو خادم حسين سنديلو. احمد رضا سنديلو. اطهر سنديلو اسامه سنديلو. توقير سنديلو ۽ ٻين سان تعزيت جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. ٻئي طرف پريس ڪلب ڏوڪري جي صحافين پاران سينئر صحافي اطهر سنديلو سان سنڌس چاچيءَ جي وچوڙي تي تڏي تي پهچي ڏک جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 14

پنهنجي آفيس ۾ گذريل ڏينهن ٿيل دهشتگردي جي حوالي سان چيو آهي ته ڪراچي پوليس آفيس اندر ٿيل اهڙن بزدلاڻي حملن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيان ٿو ۽ سنڌس شهيد ٿيندڙ اهلڪارن کي سرخ سلام پيش ڪيان ٿو غلام سرور تنيو چيو ته ملڪ جي ادارن کي دهشتگردن تارگيٽ ڪيو آهي جيڪو انهن جا ميرا خواب ڪڏهن پورا نه ٿيندا ملڪ جا جانباز توڙي سپاهي هميشاهه پنهنجي ملڪ پنهنجي عوام پنهنجي ادارن جي جاني مدد ڪئي آهي ۽ پنهنجون جانيون قربان ڪيون آهيون وڌيڪ غلام سرور تنيو چيو ته انشا الله ملڪ جي ۽ ملڪ جي ادارن جي پوري طرح سان حفاظت ڪبي ۽ انهن دهشتگردن جا انجام اهڙا ئي سامهون ايندا شهيد زنده هوندا آهن سنڌس اهڙي واقعي تي شهيدن جي پوئنرن سان دلي افسوس جو اظهار ڪجي ٿو ۽ الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ شهيدن جي لاءِ جنت الفردوس ۾ اعليٰ درجي جي بلندي جي مقام تي دعاگو آهيون

بقايا سنڌيار 15

حوالي پيل، اي ڊي سي ون جو اضافي چارج اي سي شجاع آباد سليم شيخ کي، تعلقي شجاع آباد ۽ ڪيٽرين ۽ سالن کان اسسٽنٽ مختيارڪار جي پوسٽ خالي آهي، ميونسپل ڪارپوريشن ۽ ٽيڪسيشن آفيسر جي پوسٽ [illegible] آفيسر جي پوسٽ هڪ سال کان خالي آهي [illegible] ضلعي اندر [illegible] نظر اچڻ [illegible] جاري تي [illegible] تقرر ڪرڻ [illegible] جون چوٽون [illegible] ڊويزنل [illegible] سان گڏ هڪ [illegible] ميرپورخاص [illegible] پوسٽون خالي پيل آهن [illegible] ڊائريڪٽرز ڪي [illegible] جنهن [illegible] شڪار آهي [illegible] جي اضافي چارج [illegible] زين العابدين [illegible] جنهن کانپوءِ [illegible] ڪمشنر [illegible] ڪيو آهي. [illegible] ڪارپوريشن [illegible] ميونسپل جي [illegible] زين [illegible] جڏهن ته [illegible] آفيسر [illegible] عهدن تي [illegible] ڊي سي [illegible] شجاع آباد [illegible] شيخ کي [illegible] شهر جي [illegible] طرف [illegible] ميونسپل [illegible] آفيسر جي [illegible] آفيسر [illegible] اسسٽنٽ [illegible] ڪيٽرن [illegible] مقرر نه [illegible] سبب [illegible] ضلعي [illegible] مقمل [illegible] سمورن [illegible] شڪار [illegible] ضلعي جي [illegible] نااهلي [illegible] ڪيو [illegible] چارج [illegible] پگهارون

بقايا سنڌيار 16

[illegible] قبضا خورن [illegible] لاءِ هيلي [illegible] ڪري [illegible] توڙي [illegible] تي [illegible] مافيا پاران [illegible] سان باهه [illegible] مقرر ٿيل [illegible] ڪري [illegible] زبردستي [illegible] آشيرواد [illegible] موقف [illegible] جڏهن [illegible] داخل [illegible] وٺي [illegible] ڪان [illegible] بچائي وڃي، ساجاهه وند ڌرين جو مطالبو

بقايا سنڌيار 17

۾ شرڪت ڪري صحافي محمد ايوب ملاح کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪن جا تحفا پيش ڪري سنڌس سالگره جو ڪيڪ ڪاٽي ڪيس سالگره جون مبارڪون ڏنيون ويون. ان موقعي تي خطاب ڪندي پريس ڪلب مڪلي جي صدر احمد خان خشڪ، عبدالعزيز جوکيو، ايم ايچ ڪنبار ۽ ٻين چيو ته هن ڏکئي دور ۾ مصيبت ماريل عوام کي باقي ميڊيا جو ئي سهارو وڃي بچيو آهي. جيڪا ئي مظلوم عوام جي پرچهلي آهي، جتان عوام کي انصاف جي اميد اهي. هنن چيو ته صحافي محمد ايوب ملاح به انهن جاکوڙي صحافين مان هڪ اهي. جيڪو رات ڏينهن قلم وسيلي عوام جي خدمت ڪرڻ ۽ سنڌن آواز اعلي اختيارين تائين پهچائڻ ۾ مصروف بڻيل اهي. جنهن جون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. جنهن ڪوهستاني توڙي ساحلي پٽي جي عوام جي مسئلن کي اجاگر ڪري پنهنجي قلم وسيلي اعليٰ ايوانن تائين پهچائي کين انصاف فراهم ڪرايو آهي. جيڪو جس لهڻي ٿو هنن چيو ته هن وقت ملڪ اندر هڪ طرف مهنگائي جو جن بوتل مان نڪري آيو آهي. جنهن ڪري غريب طبقو هڪ ويلو ماني گهي لاءِ پريشان آهي ته مٿان وري هر 15 هين ڏينهن تيل جون قيمتون وڌائي هٿ وٺي عوام کي بک، بدحالي ۽ فاقه ڪشي ڏانهن ڌڪيو پيو وڃي. جنهن ڪري حالتون اجان به وڌيڪ سنگين ٿيڻ جو خدشو برقرار آهي. پر سرڪار مهنگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هنن گهر ڪئي ته مهنگائي تي ڪنٽرول ڪري عوام کي بک وگهي مرڻ کان بچائي عوام کي بنيادي سهولتون مهيا ڪري انهن کي رليف مهيا ڪيو وڃي. جيئن عوام سڪون واري زندگي گذاري سگهي. ان موقعي تي خطاب ڪندي محفل جي مور صحافي محمد ايوب ملاح چيو ته هو پريس ڪلب مڪلي جي سمورن دوستن جو ٿورائتو آهي. جن ڪيس هيڏو سارو مان ڏنو آهي. هن چيو ته سنڌس قلم سنڌس آخري دم تائين حق سچ جي راهه تي هلي مظلوم ماڻهن کي انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌن آواز اعلي ايوانن تائين پهچائيندو رهندو

بقايا سنڌيار 18

گهرائي هرڪائي مبينه اغوا ڪرڻ جي ڪوشش جو منصوبو رٿيو هيو جيڪو غوثپور پوليس ناڪام بڻائي ڇڏيو ايس ايس پي ڪشمور عرفان علي سمون جي هدايتن تي ايس ايچ او غوثپور اختار احمد ناريجو ۽ سنڌس ٽيم ڪامياب ناڪا بندي ڪندي نيو دڙي اسٽاپ پر سان ڪاروائي ڪري پنجاب واسي عاشق کي هرڪجي اغوا ٿين کان بچائي ورتو اغوا ٿيڻ کان بچي ويل پنجاب واسي ميڊيا وارن کي ٻڌايو ته ڪچي جا ڌوهاري دوکي سان عورتاڻي آواز تي گهرائي اغوا ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو هو ۽ هڪ عورت جيڪا پنهنجو نالو ڪاجل ٻڌائيندي هئي سا رابطي ۾ هئي ۽ غوثپور اچڻ لاءِ زور پريندي هئي پوليس ٻڌايو ته جديد ٽيڪنالاجي مدد سان ڌوهارين جي رٿيل منصوبي کي ناڪام بڻائي ڇڏيو آهي.

بقايا سنڌيار 19

جنهن کي 2 ڪلاڪن بعد روڊ تان گذرندڙ ماڻهن ڪولي گهر پهچايو. جيڪو خوف ۾ ورتل هو اطلاع ملڻ تي ايس ايچ او نئو ۽ مڪلي جاءِ واردات تي پهچي سرزمين جو جائزو ورتو ياد رهي ته نئو پوليس سموري ضلعي ۾ امن امان قائم ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام اچي رهي آهي سموري ضلعي ۾ ڦرن جون وارداتون روز جو معمول بڻيل آهن ڦرجي ويل مصري ملاح ايس ايس پي نئو کان نوٽيس وٺي ڦر ٿيل موٽر سائيڪل واپس ڪرائي ڌوهارين خلاف ڪاروائي جي گهر ڪئي آهي ياد رهي ته ڪجھ ڏينهن پهرين غلام الله شهر ۾ فائرنگ دوران هڪ ٻار قتل ٿي ويو هو جڏهن ته درس داد روڊ تي پڻ نامعلوم ماڻهن پاران مختلف وارداتن ۾ مختلف ماڻهن کان موٽر سائيڪلون ڦرڻ جو وارداتون ٿي چڪيون آهن

بقايا سنڌيار 20

اڄ آچر ڏينهن ڏوڪري شهر پهچندو. جڏهن ته ايس يو پي جي ڪارڪنن. اڳواڻن توڙي ٻين سنڌ دوست ڌرين طرفان ايس يو پي جي سنڌ مارچ قافلي جي پرپور شاندار آجيان لاءِ مختلف هنڌن تي استقباليه ڪئمپون قائم ڪري ورتيون ته ٻئي طرف تاريخي سنڌ پيادل مارچ جي سلسلي ۾ ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي چونڪ تي جلسي کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڏوڪري شهر ۽ پرپاسي ۾ هيند بل ورهائي عوام کي جلسي ۾ پرپور شرڪت ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي. ان موقعي تي ايس يو پي جي مختلف اڳواڻن جو چوڻ آهي ته سنڌ صوبي ۾ لاقانونيت جو راڄ آهي. بک بدحاليءَ سبب عوام پنهنجا ٻچا وڪڻي رهيو آهي. ڌارين جي مسلسل آبادڪاري سبب سنڌ صوبي ۾ امن امان جي صورتحال خراب ٿي رهي آهي. اسين عوام کي اپيل ٿا ڪريون ته اچو سنڌ ڌرتيءَ جي حلالي پٽن سيد جلال محمود شاهه. سيد زين شاهه جا هٿ مظبوط ڪريون ۽ اڄ ايس يو پي جو مرڪزي قافلو ڏوڪري شهر ۾ اچي رهيو آهي سنڌ پيادل مارچ جو پرپور ۽ تاريخي استقبال ڪريون.

بقايا سنڌيار 21

پاران جيل ڀريو تحريڪ سميت سنڌ جي مختلف ڊويزنس ۽ ضلعن ۾ يوٿ ڪائونسل پاڪستان جون باڊيز جي قيام بابت صلاح مشورا ڪيا ويا اجلاس جي صدارت پاڪستان يوٿ ڪائونسل سنڌ جي صدر اعجاز خان نوناري ۽ انصاف يوٿ ڪائونسل سنڌ جي جنرل سيڪريٽري عبدالحميد راجپوت ڪئي. سينيئر نائب صدر سنڌ محمد حنيف مڪراب راجپوت. سينيئر ميمبر ايڊووڪيٽ عمران علوي. سليم الدين شيخ. گلزار پنهور. اويس اسلم. راشد راجپوت. حافظ محمد وسيم صديقي ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 22

گڏ و گڏ ضروري سامان ڏنو ويو. اسسٽنٽ ڪمشنر / سينسس ڊسٽرڪٽ آفيسر شڪارپور عرفان نظاماڻي اينمريٽرن کي ڪين آدم شماري ۽ گهرشماري متعلق مختلف هدايتون پڻ ڏنيون. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر شڪارپور جو چوڻ هو ته پهرين پيرو ٿيندڙ ڊجيٽل سينسز ۾ خود شماري آپشن موجود آهي. جيڪي خود شماري ڪرڻ چاهين ٿا اهي پنهنجي موبائل فون ذريعي پاڪستان شماريات واري اداري جي ويب سائٽ تان ضروري معلومات حاصل ڪري ڏنل ايپليڪشن جو استعمال ڪندي 20 فيبروري کان 3 مارچ تائين خود شماري ڪري سگهن. ان موقعي تي عرفان نظاماڻي جو وڌيڪ چوڻ هو ته وڌيڪ معلومات لاءِ سينسز سپورٽ سينٽر 0726 920220 يا وري 080057574 تان پڻ مدد وٺي سگهجي ٿي.

بقايا سنڌيار 23

ٻڌايو ته گهمڻ جي بهاني مقتول کي سنڌو دريا جي ڪناري تي وٺي قتل ڪندي لاش کي مٽي ۾ دفنائي ڇڏيو پوليس پارا نشاندهي تي لاش هٿ ڪري ورتو پوليس مطابق ڪيس جي وڌيڪ جانچ جاري آهي ياد رهي ته نئي جي ڪچي واري علائقي دولء دريا خان پل متڪا اسٽاپ وٽان قتل ٿيندڙ نوجوان جلال سومرگ جو لاش هٿ آيو آهي

بقايا سنڌيار 24

وئي جن کي فوري طور نازڪ حالت ۾ گمبٽ موڪليو ويو جڏهن ته ڊرائيور ٽرالر کي ڇڏي ڪري فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ڪوٽڙي ڪبير پوليس ٽرالر ۽ موٽر سائيڪل کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي حادثي جو ڪارڻ سنگل روڊ جو نتيجو آهي.

بقايا سنڌيار 25

چيو ته آئون پوليس ۽ رينجرز اهلڪارن جي بهادري کي سلام پيش ڪيان ٿو جنهن پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪندي شهر جو امن امان کي برقرار رکيو جڏهن ته گورنر سنڌ زخمي رينجرز ۽ پوليس اهلڪارن جي عيادت لاءِ جناح اسپتال جو دورو به ڪيو ۽ سنڌس بهترين نموني سان علاج ڪرڻ جي هدايت پڻ ڪئي ان موقعي تي آئي جي سنڌ . ايڊيشنل آئي جي ڪراچي به گڏ هئا

بقايا سنڌيار 26

ڪنڌ غريب مسڪين نوجوان فياض احمد ولد جان محمد سونڊائي کي ٻن جوابدارن شڪيل احمد ولد سومار ڪنڙو ميمڻ ۽ زاحيل ولد شڪيل احمد ڪنڙو ميمڻ پاران جان کان مارڻ جي ارادي سان نوجوان تي ڇرن جا وار ڪري ڪيس سخت زخمي ڪري ڇڏيو. رڙين ۽ دانهن تي موجود شهرين مڙسي ڪري نوجوان کي جوابدارن جي چنبي مان ڇڏائي ترت اسپتال پهچايو جنهن سبب فوري طور علاج ٿيڻ ڪري نوجوان جي حياتي بچي وئي. اهڙو افسوس ناڪ واقعو پيش اچڻ کان پوءِ شهرين ۾ سخت و خوف حراس ڦهلجي ويو. هوڏانهن نئو پوليس چڙا لڳڻ سبب زخمي ٿيندڙ فياض احمد جي پيءُ جان محمد ولد احمد سونڊائي جي فرياد تي ٻن جوابدارن شڪيل احمد ولد سومار ڪنڙو ميمڻ ۽ زاحيل ولد شڪيل احمد ڪنڙو ميمڻ خلاف نئو ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪري هڪ جوابدار زاحل کي گرفتار ڪري ورتو . هوڏاهن ٻئي جوابدار جي فرار ٿي وڃڻ ڪري علائقي ۾ سخت خوف و حراس وارو ماحول پريا آهي .سماجي ۽ شهري حلقن پاران ايس ايس پي نئو. ڊي آئي جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو آهي ته جوابدارن کي سخت کان سخت سزا ڏيئي غريب مسڪين پورهيتن سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 27

کان علاوه تعليم ۽ ٻين مختلف لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي ـ گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڊپٽي ڪمشنر سمورن لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته آدمشماري لاءِ انيومريٽرز (شمار ڪندڙن) کي ڊجيٽل مردمشماري لاءِ ٽيبليٽس جي فراهمي، سڪيورٽي ۽ ٻين سمورن انتظامن کي يقيني بڻايو وڃي. هن سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته هو ان سلسلي ۾ تعلقي سطح تي پڻ ڪميٽيون جوڙين ۽ مردم شماري جي حوالي سان گڏجاڻيون منعقد ڪري سمورا ضروري انتظام مڪمل ڪيا وڃن. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته جيڪڏهن آدمشماري ڪندڙن (انيومريٽرس) جي تربيت ۾ ڪا گهٽتائي رهجي وئي آهي ته انهن کي بهتر تربيت ڏني وڃي ته جيئن آدمشماري جو عمل صحيح نموني مڪمل ٿي سگهي. هن چيو ته ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ۽ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو ڊجيٽل مردمشماري مرحلن جي تمام صورتحال جي نگراني ڪندا ـ ڊپٽي ڪمشنر چيو ته مردم شماري هڪ قومي فرض آهي جيڪو ڪنهن به ملڪ جي پائيدار ترقي ۽ عوام جي خوشحالي لاءِ تمام ضروري آهي ڇو ته ان جي بنياد تي ئي درست منصوبي سازي ممڪن ٿي سگهي ٿي. ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي ڊيٽا گڏ ڪئي ويندي. ڪمپيوٽرائيزڊ طريقي سان ڊيٽا گڏ ڪرڻ سان غلطي جو امڪان نه هئڻ برابر رهي ٿو هن چيو ته ان سلسلي ۾ ضلعي انتظاميه هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي ته جيئن مردم شماري جي عمل کي صاف شفاف طريقي سان پڄاڻي تائين پهچائي سگهجي.

بقايا سنڌيار 28

نذير راڄپر، صحافي بالاچ شاهاڻي مسلم لگ ن سنڌ جي نائب صدر غلام سرور تنيو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ريلي ۾ ممتاز شيخ آصف شاهاڻي سماجي اڳواڻ الاهي بخش پاڳٽ راڄپر ويلفيئر جي حاڪم راڄپر نياز راڄپر مير راڄپر علي نواز راڄپر صديق پتي شڪيل احمد پاڳٽ ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سنڌي ٻولي هڪ قديم ٻولي آهي سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي هنن چيو ته سنڌ جي تاريخ زبان ۽ ثقافت هزارين سال پراڻي آهي 21 فيبروري کي ٻولي جو عالمي ڏهاڙو ڪري ملهايو پيو وڃي عالمي ڏهاڙو ملهائڻ جو مقصد مادري زبان جي اهميت اجاگر ڪرڻ آهي هنن چيو ته ٻولي جي مهم هلائڻ لاءِ سڀني ڌرين کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو سنڌ ۾ رڳو اديب ئي فيبروري ۾ ٻولي لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن قومپرست ڌرين کي ٻولي وارو ڏهاڙو ملهائڻ گهرجي ان ڏهاڙي سڀ سنڌي هڪ ٿي اهو آواز اٿارين ته سنڌي هڪ قديم زبان آهي ان کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي جيڪو اسان جو حق آهي.

بقايا سنڌيار 29

ورتو. هوڏانهن اهڙي واقعي جي وڊيو سوشل ميڊيا تي پڻ وائرل ٿي وئي آهي. پوليس اهلڪار شوڪت گڏاڻي جلسي جي ڊيوٽي تي وڃي رهيو هيو ته واهه ۾ نينگري کي لڙهندو ڏسي وردي ۾ واهه ۾ ٽپو ڏئي وڏي ڪوشش ڪري هلندڙ پاڻي مان نينگري کي بيهوشي جي حالت ۾ ٻاهر ڪڍي ورتو. جنهن بعد نينگري جا وارث پهچي ويا بعد ۾ نينگري کي بيهوشي جي حالت ۾ خانپورمهر جي مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو. ان سلسلي پوليس اهلڪار شوڪت گڏاڻي ٻڌايو ته نينگري کي واهه ۾ لڙهندو ڏٺو ته انسانيت ناتي ڪوشش ڪئي ۽ نينگري کي ٻاهر ڪڍيو..

بقايا سنڌيار 30

واري هنڌ ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو.ڊي ايس پي سٽي عبدالخالق وڳڻ. ايس ايچ او بي سيڪشن پهچي هٿيار سميت لاشن کي تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال دادو پهچايو ۽ واقعي جي جاچ شروع ڪري ڏني جڏهن ته واقعي جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو

بقايا سنڌيار 31

جي بهتري لاءِ ڪيل خدمتون هميشه ياد رهنديون. هن چيو ته سرويچ سجاولي جي خاندان جو علم ۽ ادب لاءِ تمام وڏو ڪم ڪيو آهي. سنڌس سمورو خاندان علم ۽ ادب سان سلهاڙيل آهي. سرويچ سجاولي، سورج سجاولي، منير سرويچ سنڌ جي ادب لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. جيڪي هميشه ياد رهنديون. هن چيو ته اسان منير سرويچ جي وڇوڙي تي گهري ڏک جو اظهار ڪريون ٿا. سنڌس پوئينرن سان هِن ڏک جي گهڙي ۾ برابر جا شريڪ آهيون. الله پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. ان موقعي تي تنوير پليجو. علي محمد پليجو. گلزار احمد ۽ ٻيا پڻ ساٿس گڏ هئا. جڏهن ته ان کان اڳ ڊاڪٽر نعيم پليجو. نور نبي پليجو. سلطان پليجو. مسعود پليجو ۽ ٻين سجاول نگر پهچي منير سرويچ جي جنازي ۾ شرڪت ڪئي ۽ سنڌس مغفرت لاءِ دعا گهري.

بقايا سنڌيار 32

ٿيو. جنهن ۾ پارٽي قائد عمران خان پاران جيل ڀريو تحريڪ سميت سنڌ جي مختلف ڊويزنس ۽ ضلعن ۾ يوٿ ڪائونسل پاڪستان جون باڊيز جي قيام بابت صلاح مشورا ڪيا ويا اجلاس جي صدارت پاڪستان يوٿ ڪائونسل سنڌ جي صدر اعجاز خان نوناري ۽ انصاف يوٿ ڪائونسل سنڌ جي جنرل سيڪريٽري عبدالحميد راجپوت ڪئي. سينيئر نائب صدر سنڌ محمد حنيف مڪراب راجپوت. سينيئر ميمبر ايڊووڪيٽ عمران علوي. سليم الدين شيخ. گلزار پنهور. اويس اسلم. راشد راجپوت. حافظ محمد وسيم صديقي ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 33

آهن جيڪي پنهنجي شاگرد کي اولاد جيان سمجهندا آهن اسان اڄ جيڪي ڪجھ سکيو آهي انهن پوڀان استادن جو هٿ آهي. گورنمينٽ هاءِ اسڪول رحمان آباد جي هيڊ ماسٽر محمد صديق نهڙيو چيو ته پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن جي حوصلا افزائي لاءِ اهڙيون تقريبون هر اسڪول ۾ ٿيڻ گهرجن ۽ پوزيشن ڪٽندڙ شاگردن جي ڪم کي سارهائڻ گهرجي جيئن شاگرد تعليم سان دلچسپي ڏيکارين ۽ وڌ کان وڌ محنت ڪري اڳتي وڌن.

بقايا سنڌيار 34

ڪوڙ سارا زاويا آهن، جنهن وسيلي انفرادي ڪردار جي تعمير ڪري اجتماعي طور لاپ پرائي سگهجي ٿو، هن چيو ته دنيا نندڙو ڳوٺ بنجي وئي آهي، ڊگرين جي اهميت بجاءِ قابليت، عملي ڪردار ۽ ڪم جي سخت ضرورت آهي، جنهن ۾ قابليت آهي، اهو ئي اڳيان نڪري سگهي ٿو، باقي ڊگريون ته لکين ماڻهو حاصل ڪريو، بنا ڪنهن ڪم ڪار جي واندا گهمندا ڦرن ٿا. هن چيو ته دنيا تمام گهڻي اڳتي نڪري وئي، سماج جي اڏاوت جا معيار ۽ ان ۾ فرد جي ڪردار جا لوازمات به تبديل ٿي رهيا آهن، هڪ سرزمين تي ويهي، ٻي سرزمين تان نائي ڪمائڻ جا تمام گهڻا لاڙا جنم وٺي چڪا آهن جديد ٽيڪنالاجي ۽ سوشل ميڊيا جي يلغار ۾ جياپي جي جنگ اهو ئي وڙهي، فخر لائق ڪاميابي ماڻي سگهي ٿو، جنهن ۾ قابليت سان گڏ جديد ٽيڪنالاجي جي ڄاڻ آهي. ليڪچر پروگرام ۾ سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي خزانچي اعظم پتي آيل مهمانن جي آجيان ڪندي چيو ته سنڌي ادبي سنگت، سنڌ ۾ متحرڪ ڪردار ادا ڪرڻ سان گڏ جديد دور جي تقاضائن موجب ٽيڪنالاجي جو فائدو وٺندي ان ۾ مهارت رکندڙ ماهرن جي مدد وسيلي نوجوان نسل جي رهنمائي لاءِ علمي، ادبي تربيت سان گڏ هنري سکيا جهڙا قدم کڻي، سنڌي ادبي سنگت جي تاريخ ۾ هڪ منفرد مقام جوڙيو آهي، هن چيو سنڌ جي سلجهيل ۽ باشعور طبقي کي گڏ ڪئي ادبي سنگت نوان لاڙا متعارف ڪرائي رهي آهي، جيڪو قدم نئين نسل لاءِ هڪ وڏي اتساهه جو سبب آهي. ليڪچر پروگرام ۾ سنڌي ادبي سنگت ٽنڊو محمد خان جي ضلعي رابطا سيڪريٽري آغا جان آغا، شاخ ٽنڊو محمد خان جي سيڪريٽري رفيق آس لغاري، اعجاز علي جسڪاڻي، گل خاصخيلي، عاشق علي ڳاهو، مختيار علي نظاماڻي، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، گل محمد سومرو، پير ماجد جان سرهندي، محمد اشرف سنيو، غلام نبي "شاعر" خاصخيلي، ومل شرما، مظفر لغاري، حاجي سميع الله ميمڻ، اياز علي لغاري، جاني شيدي، قاضي محمد صديق ڪاٽ ٻانڀڻ، علي حيدر پتو، انعام علي پتو، علي رضا پتو، شڪيل احمد پتو، جان محمد لغاري ۽ ٻين پرپور شرڪت ڪري، ليڪچر بابت مختلف قسم سوال پڻ ڪيا، جن سوالن جا مثبت انداز ۾ جواب پڻ ڏنا ويا. ان کان اڳ شاخ ٽنڊو محمد خان پاران نيو جرسي (آمريڪا) مان کهي آيل ساٿي اڳواڻ علي حسن پتو ۽ ان سان گڏ آيل دوستن کي اجرڪون اوڍائي، ڪتابن جا تحفا پڻ ڏنا ويا. ان موقعي تي علي حسن پتي ۽ ساٿس گڏ آيل وفد سنڌي ادبي سنگت لائبريري ۾ جسٽس (ريٽائرڊ) محمد روشن عيساڻي ڪارنر جو معائنو پڻ ڪيو ۽ شاخ ٽنڊو محمد خان جي متحرڪ علمي ۽ ادبي ڪردار کي پڻ ساراهيو

بقايا سنڌيار 35

گهرائي هرڪائي مبينه اغوا ڪرڻ جي ڪوشش جو منصوبو رٿيو هيو جيڪو غوثپور پوليس ناڪام بڻائي ڇڏيو ايس ايس پي ڪشمور عرفان علي سمون جي هدايتن تي ايس ايچ او غوثپور اختار احمد ناريجو ۽ سنڌس ٽيم ڪامياب ناڪا بندي ڪندي نيو دڙي اسٽاپ پر سان ڪاروائي ڪري پنجاب واسي عاشق کي هرڪجي اغوا ٿين کان بچائي ورتو اغوا ٿيڻ کان بچي ويل پنجاب واسي ميڊيا وارن کي ٻڌايو ته ڪچي جا ڌوهاري دوکي سان عورتاڻي آواز تي گهرائي اغوا ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو هو ۽ هڪ عورت جيڪا پنهنجو نالو ڪاجل ٻڌائيندي هئي سا رابطي ۾ هئي ۽ غوثپور اچڻ لاءِ زور پريندي هئي پوليس ٻڌايو ته جديد ٽيڪنالاجي مدد سان ڌوهارين جي رٿيل منصوبي کي ناڪام بڻائي ڇڏيو آهي.

بقايا سنڌيار 36

۾ نئين پرتي ٿيل استادن احمد خان باگراڻي: عامر باگراڻي: فراز باگراڻي: غلام مصطفي باگراڻي: امداد لغاري ۽ ٻين استادن سنڌيار سان ڳالهائيندي چيو آهي ته موجوده حڪومت پاران گذريل 7 مهينن کان نئين پرتي ٿيل پي ايس ٽي استادن کي اجا تائين پگهارون جاري ڪري نه ڏنيون ويون آهن جنهن جي ڪري استادن ۾ سخت مايوسي ۽ بيچيني ڇانيل آهي ٻي طرف مويا جي نئين پرتي ٿيل پي ايس ٽي استاد غلام مصطفي باگراڻي جو وڏيڪ چوڻ آهي ته 7 مهينن کان پنهنجو خرچ ڪري ڀهراڙي جي ڳوٺن ۾ روز جي بنياد تي وڃي ٻارڙن کي تعليم ڏيون ٿا پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته سنڌ حڪومت اجا تائين استادن کي پگهارون جاري ناهي ڪري سگهي استادن حڪومت سنڌ وزير تعليم کان پرزور مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي استادن جو پگهارون جاري ڪري ڏنيون وڃن ته جيئن ٻارڙن جي تعليم ۽ انهن جو مستقبل داءُ تي لڳڻ کان بچي سگهي ۽ استادن مان ونڊڻ بيچيني دور ٿي سگهي

بقايا سنڌيار 37

جي انچارج ڊاڪٽر عبدالخالق عباسي، ميمبرز اعجاز ممناڻي، محمد سعود ٻوهيو، اشرف قريشي ۽ محمد جمن شيخ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سول سرجن هدايتون جاري ڪندي چيو ته اسپتال اسان جو ٻيو گهر آهي ان کي صاف رکڻ اسان سڀني جي اولين زميواري آهي ان ڪري هن صفائي مهم کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ميڊيڪس ۽ پيراميڊڪس تي مشتمل ڪميٽي تشڪيل ڏني آهي جيڪي سپائي آچر جي ڏينهن پنهنجي ڪم جو آغاز ڪندا ائين هيءُ سڄو هفتو روزانو جي بنياد تي ڪم جي نگراني ڪندي شام جو رپورٽ سول سرجن ۽ ڊي جي هيلٿ ڏانهن موڪليندا ان موقعي تي پيراميڊڪس اڳواڻ خادم حسين مستوئي علي اصغر چنه ۽ دانيال جمالي پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 38

۾ شرڪت ڪري صحافي محمد ايوب ملاح کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪن جا تحفا پيش ڪري سنڌس سالگره جو ڪيڪ ڪاٽي ڪيس سالگره جون مبارڪون ڏنيون ويون. ان موقعي تي خطاب ڪندي پريس ڪلب مڪلي جي صدر احمد خان خشڪ، عبدالعزيز جوکيو، ايم ايچ ڪنبار ۽ ٻين چيو ته هن ڏکئي دور ۾ مصيبت ماريل عوام کي باقي ميڊيا جو ئي سهارو وڃي بچيو آهي. جيڪا ئي مظلوم عوام جي پرچهلي آهي، جتان عوام کي انصاف جي اميد اهي. هنن چيو ته صحافي محمد ايوب ملاح به انهن جاکوڙي صحافين مان هڪ اهي. جيڪو رات ڏينهن قلم وسيلي عوام جي خدمت ڪرڻ ۽ سنڌن آواز اعلي اختيارين تائين پهچائڻ ۾ مصروف بڻيل اهي. جنهن جون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. جنهن ڪوهستاني توڙي ساحلي پٽي جي عوام جي مسئلن کي اجاگر ڪري پنهنجي قلم وسيلي اعليٰ ايوانن تائين پهچائي کين انصاف فراهم ڪرايو آهي. جيڪو جس لهڻي ٿو هنن چيو ته هن وقت ملڪ اندر هڪ طرف مهنگائي جو جن بوتل مان نڪري آيو آهي. جنهن ڪري غريب طبقو هڪ ويلو ماني گهي لاءِ پريشان آهي ته مٿان وري هر 15 هين ڏينهن تيل جون قيمتون وڌائي هٿ وٺي عوام کي بک، بدحالي ۽ فاقه ڪشي ڏانهن ڌڪيو پيو وڃي. جنهن ڪري حالتون اجان به وڌيڪ سنگين ٿيڻ جو خدشو برقرار آهي. پر سرڪار مهنگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هنن گهر ڪئي ته مهنگائي تي ڪنٽرول ڪري عوام کي بک وگهي مرڻ کان بچائي عوام کي بنيادي سهولتون مهيا ڪري انهن کي رليف مهيا ڪيو وڃي. جيئن عوام سڪون واري زندگي گذاري سگهي. ان موقعي تي خطاب ڪندي محفل جي مور صحافي محمد ايوب ملاح چيو ته هو پريس ڪلب مڪلي جي سمورن دوستن جو ٿورائتو آهي. جن ڪيس هيڏو سارو مان ڏنو آهي. هن چيو ته سنڌس قلم سنڌس آخري دم تائين حق سچ جي راهه تي هلي مظلوم ماڻهن کي انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌن آواز اعلي ايوانن تائين پهچائيندو رهندو

بقايا سنڌيار 39

جي بهتري لاءِ ڪيل خدمتون هميشه ياد رهنديون. هن چيو ته سرويچ سجاولي جي خاندان جو علم ۽ ادب لاءِ تمام وڏو ڪم ڪيو آهي. سنڌس سمورو خاندان علم ۽ ادب سان سلهاڙيل آهي. سرويچ سجاولي، سورج سجاولي، منير سرويچ سنڌ جي ادب لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. جيڪي هميشه ياد رهنديون. هن چيو ته اسان منير سرويچ جي وڇوڙي تي گهري ڏک جو اظهار ڪريون ٿا. سنڌس پوئينرن سان هِن ڏک جي گهڙي ۾ برابر جا شريڪ آهيون. الله پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. ان موقعي تي تنوير پليجو. علي محمد پليجو. گلزار احمد ۽ ٻيا پڻ ساٿس گڏ هئا. جڏهن ته ان کان اڳ ڊاڪٽر نعيم پليجو. نور نبي پليجو. سلطان پليجو. مسعود پليجو ۽ ٻين سجاول نگر پهچي منير سرويچ جي جنازي ۾ شرڪت ڪئي ۽ سنڌس مغفرت لاءِ دعا گهري.

بقايا سنڌيار 40

پنهنجي آفيس ۾ گذريل ڏينهن ٿيل دهشتگردي جي حوالي سان چيو آهي ته ڪراچي پوليس آفيس اندر ٿيل اهڙن بزدلاڻي حملن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيان ٿو ۽ سنڌس شهيد ٿيندڙ اهلڪارن کي سرخ سلام پيش ڪيان ٿو غلام سرور تنيو چيو ته ملڪ جي ادارن کي دهشتگردن تارگيٽ ڪيو آهي جيڪو انهن جا ميرا خواب ڪڏهن پورا نه ٿيندا ملڪ جا جانباز توڙي سپاهي هميشاهه پنهنجي ملڪ پنهنجي عوام پنهنجي ادارن جي جاني مدد ڪئي آهي ۽ پنهنجون جانيون قربان ڪيون آهيون وڌيڪ غلام سرور تنيو چيو ته انشا الله ملڪ جي ۽ ملڪ جي ادارن جي پوري طرح سان حفاظت ڪبي ۽ انهن دهشتگردن جا انجام اهڙا ئي سامهون ايندا شهيد زنده هوندا آهن سنڌس اهڙي واقعي تي شهيدن جي پوئنرن سان دلي افسوس جو اظهار ڪجي ٿو ۽ الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ شهيدن جي لاءِ جنت الفردوس ۾ اعليٰ درجي جي بلندي جي مقام تي دعاگو آهيون

*****